

موتي مانسرووَرِ جا

هوتو 'سندوُ- پِياسي'

موتي مانسرووَر جا

غــزل

١٩٩٨

ڇا اَمن ۽ جنگ لئہ لکان، پيار محبت لاءِ لکان، حق اِنصاف لئہ لکان، غريب ۽ شاهوڪار لئہ لِکان، مظلوُم ۽ جابر لئہ لکان - سوچي ٿو ڏسان اِنسان جي وجود کي - اِنسان صرف اِنسان آهي يا هڪ خونخوار ويڙهوُ جانور پڻ! مان سمجهان ٿو، هي اِنسانُ سڀ کان ڀهرين بہ هڪ جانورِ هو، اُن کان پوءِ هوُ سُڌرندو سُڌرندو اڄہ جي ماڻهوءَ جي روُپ ۾ آيو آهي، پر وهنوار اُهو ئي ساڳيو جانورن جهڙو! ڀهرين پٿرن جا اوزار ٺاهي، جانور ماري گذر ڪندا هئا. تنهن کان پوءِ ڌاتوءَ جا اوزار ٺاهي جنگيون ڪندا هئا، ۽ هاڻ اُنهن کان بہ وڌيڪ خطرناڪ هٿيار ايجاد ڪري ڇڏيا اٿن - اَٽوُ شڪتيءَ مان - هئڊروجن بم، نئٽروجنَ بم، ائٽم بم، راڪيٽ ۽ انہ۾ هٿيار رکڻ جون سهولِيتون. پر اُن کان بہ خطرناڪ راڪيٽ آسمان ۾ اُڏامي ڪِن ۾ ڪٿي بہ تباهي مچائي سگهن ٿا. هي جانور نُما اِنسانَ - پوءِ ڪهڙو روُئڻ روئون سندن اعمالن جو. ڇا مذهب لاءِ لکون يا صرف ڏن تي لکون؟ هي تہ سڀ اڄہ جي دور جون خام خيالي ڳالهيون ٿيون لڳن. ڇا اِنسان بہ ڪا لِکڻ جي چيز آهي؟ توهان ڏنو تہ مون شروع جو ٿوري ۾ سندس اِتهاس ڏنو آهي. اِن ڪري هن انسان نما جانور لاءِ ڪوبہ پيغام غزلن ۾ ڏيڻ معنيٰ فالتوءَ ۾ مغزخوري ڪرڻي آهي. پوءِ ڇو انڪان منهن موڙي صرف عورت ۽ مرّد جي واسنا جا قِصا، محبت جي نالي سان، غزلن ۾ لکون جنهن ڪِي گهڙت ۾ گهٽ سنگيت جي سُرن سان سجائي ٿوري وقت لاءِ ڪَنَ-رس وٺون، ۽ روح کي بہ ڪجهہ خوش رکڻ جي ڪوشش ڪريون. مون هِنن غزلن جي مجموعي ۾ گهڻو زور اِن وشيہ کي ڏنو آهي تہ اهائي هڪ لازوال حقيقت آهي جيڪا ڪجهہ ذلت ڏئي ٿي. باقي سڀ ٿِيوريون ڍونگ ۽ دوکو آهن. سنت مهاتما، ساڌ سنت، پير پيغمبر، اوليا، اَوَتارَ، ڌرم-ڪرم سڀُ ڏيکاءَ لاءِ ڪن ٿا. ماڻهو جنگ خور، قتل غارت، هِنسا-اَهِنسا، سڀُ جا سڀُ اڄُہ جي دور ۾ مدي خارج ٿي ويا آهن. رام جي يُگ ۾ بہ جنگ هئي، ڪرشڻ جي يُگ ۾ بہ جنگِ لڳي هئي، ٻُڌ جي يُگ ۾، يسوُ مصيح جي يُگ ۾ بہ جنگِ تہ حضرت محمد جي يُگ ۾ بہ جنگِ ۽ مهاتما گانڌيءَ جي يُگ ۾ بہ جنگِ. مطلب تہ اِنسان جو ٻيو نالو جنگ آهي - اَمن ۽ شانتي خيالي خواب آهن.

آگسٽ ١٩٩٨ — هوتوُ سِندو پياسي

ٻه اکر .....

پريه سِنڌو پياسي، تو لِکيو آهي ته 'ٻه اکر' تنهنجي نئين ڪتاب ''موتي مان سرووَر جا'' لاءِ لِکي موڪليان. مون تنهنجو ڪتاب 'تيزاب اکرن جو' پڙهي پورو ڪيو آهي. مان توکي اِهو تفصيل سان ته ڪونه ٿو لِکان، پر ٿوري ۾ تنهنجي شاعريءَ جو اَثر ڪهڙو آهي، اِهو لِکي ٿو موڪليانءِ.

تنهنجي لِکڻيءَ جي ٻولي بلڪل سَرَل ۽ سڀاجهي آهي. تنهنجي غزلن ۾ هِڪ هِڪُ خيال سِڌو دل ۽ دماغ ۾ ويهي ٿو وڃي. تون صحيح معنيٰ ۾ عوام جو شاعر آهين. عوام جي روز مره جي ڀاشا ۾ شاعري ڪرين ٿو. پوري اِنسان جات جا جذبا تنهنجي شاعريءَ ۾ نمايا آهن. تون اِنقلابي شاعر آهين. هر ظُلم جي خلاف بغاوتَ جو اعلان ٿو ڪرين، پوءِ اِها جنگ ھجي ڌرم-مذهب جي، غلاظت هجي دهشت اَنگيزن جي، چور راڄنيتِڪن جون چالاڪيون هجن، ڀرشٽاچار، لال-فيتاشاهي هجي، صديُن جي افلاس کان پيڙيل جنَتا جي بکن کان پاھ ٿيندڙ ڳالھ هجي، سامراجي ذهنيّت جي اَئٽمي بم، راڪيٽ يا اَهڙو ئي ڪهڙو وشيه هجي. سِنڌ ۽ سِنڌين جي سورن تي تو نهايت ئي جذباتي شاعري ڪئي آهي. تو سڀي وشوَ ڪي پنهنجي قلم جي دائري ۾ سَموئِي، ان کي نهايت جذباتي نوءَ ۾ پيش ٿو ڪرين. سِنڌي اَدبَ ۾ اهي شاعر جِن جي شعرن جي ٻولي عوام جي ٻوليءَ ۾ نه آهي، اُهي ايئن سمجهندا آهن ته هو وڏا شاعر آهن، جن جا غزل عام ماڻهن کي سمجهه ۾ نه اچن، اُهي غزلگو شاعر چوائين ٿا. پنهنجي وطن سِنڌ سان ڪيترو نه وفادار آهين! مان تنهنجا غزل پڙهندو آهيان ته هيانءُ ڀرجي ايندو آهي. ڇا ته حُبَ آهي تنهنجي اَندر ۾ پنهنجي وطن لئه! تنهنجو اهو ڪتابُ جنهن به پڙهيو هوندو اُهو خوب ساڪون ڀريندو. تون هلندو رهه لکندو رهه پرواهه ناهي تنهنجو قدر سنڌي قوم نه ڪيو. ائين ٻه ڪنهن کي حق ڏيندي آهي؟ هيءَ سماج سڀ ڏي وٺ جي ياڄيءَ واري ڳالهه آهي، تون پنهنجي ضمير سان ڌوهه ڪري ڪيس موت جي گهاٽ اُتارين ته پوءِ تون ٻه انعامن جي لائق ٿي سگهين ٿو. پر مونکي خبر آهي ته تو جهڙو خدار شاعر سِر وڍائي ته سگهي ٿو پر جهڪائي نه ٿو سگهي.

گوبند پنجابي

۲/۹، وئڪنٽ بلڊنگ، مائونٽ ميري روڊ، باندرا، ممبئي - ۴۰۰۰۵۰

MOTI MANSAROVAR JA

By
© Hotu "Sindhu Pyasi"

Year of Publication : July 1998.

Price : Rs. 50/-

Publishers :
SHYAM SUNDER SHAD PUBLICATIONS
A-303, Shankar Nagar, Kagziwada,
Jaipur - 302 002


DTP :
Suresh Saraswat,
C-1, Dayanand Colony, Lajpatnagar,
New Delhi - 110 024 (Ph : 6475398)

Printed by :
Mahesh Printers & Publishers
231, Dadu Marg, Barkat Nagar,
Tonk Phatak, Jaipur - 302 015 (Raj.)
Phone : 591326

Cover Design :
Vasudev "Sindhu Bharati"

Published with the financial assistance of
Rajasthan Sindhi Akademi, Jaipur

بنا مقصد غزل سو ڪين، جنهن ۾ ولولو ناهي،
اهو پاڻيءَ سطح تي جڻ تہ، ڪوئي ٻلبُو آهي.
نہ جذبن ۾ هجي گرمي، نہ سوچڻ ۾ بغاوت ڪا،
اهو لفظن جو پڻ خالي، سمورو غلغلو آهي.
امن جو پڻ هجي پئغام، پوري ذات آدم لئہ،
اهوئي پيار جو سُهڻو، اَمر هڪ فلسفو آهي.
هجي هندو مُسلمان ڪو، يهوُدي سِک عيسائي،
ملن سينا بہ سينن سان، سو بهتر حوصلو آهي.
مرڻ ڪانپوءِ ماڻهوءَ کي، سرڳ يا نرڳ ڪجھ ناهي،
اَمر هڪ ايشور هرهنڌ، ٻيو سڀ معملو آهي.
رکو سانڍي سدا دل ۾، وطن جي پاڪ اُلفت کي،
ڪريو قربان سڀ اُن تان، جنم اهڙو پلو آهي.
سنڌوءَ جي سار کي ”پياسي“ رکون اوچو تہ جذبن ۾،
وڇوڙي کان ڪُمن اکيون، عزم سو دادلو آهي.



هوتو ”سنڌو پياسيءَ“ جو شاعراڻو سفر

PYAASA - GEET	1968	”پياسا گيت“
NASHILI - SURHAAN	1969	”نشيلي سُرهاڻ“
MAHIK MITTIA JEE	1983	”مهڪ مٽيءَ جي“
JARKE VAAI VATAN JEE	1984	”جرڪي وائي وطن جي“
MAN JO KHANDHAR	1986	”من جو کنڊهر“
RAT BHINYOON RAAHOON	1990	”رت ڀنيون راهون“
PAR KATIAL PAKHI	1994	”پَر ڪٽيل پکي“
TEZAAB AKHARAN JO	1997	”تيزاب اکرن جو“
MOTI MANSAROVAR JA	1998	موتي مانسرووَر جا

Hotu "Sindhu Pyasi"

A-303, Shanker Nagar, Kagzi Wada

JAIPUR - 302002

آدم کي ڪري پيدا، خدا خود ئي ڀڄي ويو،
لِڪندو رهيو ڀڄندو، خلا ۾ آ لِڪي ويو،
ڪيڏو نہ ڀريل زهر آ، اِنساني سمجهہ ۾،
سوچيندي ساهہ هيٺ مٿي، جڻ آ رُڪي ويو،
ڪيڏو تہ وهي خون، اَمن جي ئي آڙ ۾،
ڏسندي اعمال تِن جا، اَمن جنگ ۾ ڇپي ويو،
ڪنهن نانگ جي نظر وچي، ماڻهوءَ ۾ هئي ٽڪي،
چڪندي زهر اُنهيءَ جو، ٻرن ۾ آ لِڪي ويو،
هر ظلم جي اِنتها ۾ رهي، خوب مزي ۾،
جڻ شيهن ڪو وحشي آهي، ماڻهوءَ ۾ اچي ويو،
ڪيڏو نہ حسين روپ جو، ٻہ پيرو جانور،
رتُ پيئندو جنگيون خوب ڪري، اِنہ رسي ويو،
پاڪنڊ بہ ڪري، خوب تہ، چاڙي هي پاڪنڊي،
مندر ۽ مسيتن جي گنبذ ۾ آ گهسي ويو،
هڪ نانءُ خدا جي تي ڪندو قتل ۽ غارت،
مذهب ۽ ڌرم جي ئي، عذابن ۾ پِسي ويو،
ڪُسندا تہ رهن ڪيئي، جَناور جيان ماڻهو،
ڪاسائي بڻي ڪاتي هٿي، سِر ئي لٽي ويو،
دولت جي چڪر ۾ بہ ڪٽيندو گلا ڪيئي،
غربت جو مرض ڏيئي، سندن سر تي چڙهي ويو،
پيار ۾ ناجائز ۽ جائز بہ ڪندو خوب،
بس جِسم جي آتش ڪان شاعر آ بڻي ويو،
ڪيڏيون نہ ڪلائون تہ ڪري، اَمر ٿيڻ لئہ.

هيءَ آهي وراثت سنڌين جي، سومان شرافت شان سدا،
اَسين مانوَتا جو خير گهرون، سو آهي مليو وردان سدا.
اَسين اِنسانيت جا رکوالا، بس پيار ونڊي ٿا چاهيون سڀ،
سنڌي پاڪ رکن سيني کي سڀ، اَسين ڪين ڇڏيون اِيمان سدا.
اَسين محنت خوب ڪري ڄاڻون، اَسين محنت جا ڄڻ متوالا،
اَسين برپٽ ۾ ٿا شهر اَڏيون، ٿي جڳ ۾ رهون ڏنوان سدا.
اَسين سنڌوءَ جا سرويچ ٻچا، اِتهاس اَمر آ سنڌين جو،
اَسان پيدا جهولڻ لال ڪيو، اَسان جيتيا جنگي جوان سدا.
جنگ خوب ڪئيسين عربن سان، اسين دودا ڏاهر سڌجون ٿا،
اَسين جوڌا وير سِپاهي سي، اسين وِيرن جي سنتان سدا.
اَسين جيون کي جرڪائڻ لئه، اِسڪول ۽ ڪاليجون کوليون،
اَسين خوب شفاگهر جوڙي پڻ، ٿا جڳ کي ڏيون جِندان سدا.
نفرت ٿا ڪريون جنگ خورن کي، جي مانوتا جو خون ٿا ڪن،
اَسين اَمن گهرون ساري جڳ لئه، ڏيون اَمن کي جيونداڻ سدا.
اَسين داني ڀاماشاه جيان، اسان نهروُ توريو سوني ۾،
اسين ديس ۾ دولت آڻيون ٿا، اسين واپارين جو مان سدا.
اَسين ليکڪ آهيون ويدن جا، اسين شاعر آهيون شاه جيان،
اَسين چترڪار کي ڪلاڪار، هر فن ۾ پڻ ودوان سدا.
اَسين ڇل ول ڪين ڪري ڄاڻون، اسين دل جا سُهڻا صاف سچا
هن ڪلجڳ ۾ اَوَتارُ وني، ڪو ايندو سِنڌي ڀڳوان سدا.

ڪيڏي جيون ۾ پري، اَفسردگي لاچارگي،
ڪيترو دل کي ملي ٿي، ڏک پريل آزارگي.

هر طرف کان زهر ۾ گهُلجي، هوا وهندي رهي،
ڇو پلا آ هم سفر ٿي، بيوَسيِ، بيهوُدگي؟

بيحيائيءَ جي اَچي، بدبوءِ هر اِنسان مان!
ٻياس پنهنجي ڪِٿِ ٻُجهايان، آ وڌي ويئي تشنگي.

ڪيئن جهڪايون سِر وڃي، پٿر جي مورت اَڳيان،
رائگان ساري هلي ويندي اَسانجي بندگي.

پيار اُلفت پڻ وفائون، حسن کان ٿيون دور دور،
واعدا ڪوڙا، بيوفائن مان مِلي ٿي گندگي.

ڪيترو ڪنهنجي ڪريون، پيا عيب-جوئيءَ جو ذڪر،
بي-شرمَ کي ڇا ڪڏهين، ٿيندي ٻه آ شرمندگي؟

ويا هليا دل مان اُٿي، جن سان دليون ملنديون هيون،
وجيه ڪوئي ڪجهه ٻه نه هو، پَرَ ٿا رکن ناراضگي.

ڪيڪڙن جو جُهنڊُ پارت تي ڪري اڄُ راڄ ٿو،
ڪيتري آ بدنصيبي، ديس لئه بيچارگي.

هوتوءُ ”سِنڌو پياسي“

هڪ روڳ ڀونءِ جو ڀتلو، ڀڳوان نهي ويو،
قدرت جو جڏهن قهر آ نازل ٿيو ڪِٿي،
صدين جو نهين محل سندن، ڪِن ۾ ڊهي ويو،
مالِڪ جي نانءُ جو ٻه ڪري، خوب ٿو واپار،
اِيشور، خدا ۽ گاڊ جي، لفظن ۾ ڦُپي ويو،
قدرت جو ڏسي قهر، بيماريون ۽ زلزلا،
ماڻهوءَ جي من ۾ خوف جو آ وڻ ئي ڄمي ويو.

ماڻھوءَ جي جسم ۾ آ ڀري زهر هري ويو،
سوچي اَعمال خود جا خدا، پاڻ مري ويو.

اِنسان جي فطرت تي ڏنم، غور ڪري پڻ،
افسوس اِتي منهنجو اچي، مغز ڪري ويو.

ڪيڏو وئي ڪيم بحث مون مدبر سان جهان تي
سو گڏهُ عقل جو ئي، اَچي ڳاهه چري وِيو.

سمجھي ٿي جنهن کي يارُ، ڪيم روح رهاڻيون،
سو ڇهڪُ ڏئي جگر ۾، تيزابُ ڀري ويو.

هو خون جو رشتو بہ انهيءَ ساڻُ اسان جو،
سو ويڻ ڪڏي وات سان، گهايل آ ڪري ويو.

هيٺي ڪي جيئڻ جي بہ سزا، وقت ڏئي ٿو،
ڪو ڏاڍ جي سونٿين سان سندس جسم ڀري ويو.

هو ڌرم سچو ڪين آ، هي مذهب سچو آ،
جاهل ڪا لکي پوٿي، سچو جڳ ئي ڏري ويو.

هٿ ڪوڙ جو منهن چمڪي ٿو، پالش لڳائي پڻ،
سچ لڪندو رهيو ڀڄندو رهيو، سمنڊ تري ويو.

اَڄُ خام خيالي بہ ڪي سپنا لهي ڏسون،
ڪاٺي ڪي ڪاٺو مُنهن تي سيئي چٽي ڏسون،
سياست جي سوچ ڪيڏي نہ گندي غليظ آ،
مدبر انهن جي مُنهن تي، دانگي ملي ڏسون.
مذهب جو زهَرُ ڪيڏو آ ڦهليو جهان ۾!
بيمار ڌرم دين کي، چيري چٽي ڏسون.
پانومتيءَ جو ڪُنبو هلائي ٿو راڄ کي،
چون چون جو مربو، پاڻ بہ ڪائي چٽي ڏسون.
ڀڳوان ناهي ڪنهن هنڌ، ڳوليون وڃي ڪٿي؟
ڪو پاڻ مان ڀڳوان بڻي، سو نهي ڏسون.
ڪيڏو نہ ڌرم دين جي نالي ۾ رتُ وهيو،
دنيا مان ڌرم دين کي، جڙ کان پٽي ڏسون.
اهڙو ڪو لکون ويد، وطن لئہ اَمر ٿئي،
پنهنجي ٻچن کي سنڌ جا، وارث لکي ڏسون.
هند ۾ رهي بہ هند جو، چاهي برو رهيا،
تن ڍونگي مليڇن جو، پاندو ڀڃي ڏسون.

ڪجھ خبر ناهي تہ ٿيندو، پيار جو ڪھڙو حشر،
موج ماڻيندو عشق يا، خون ٿي ويندو مگر،
پيار ڪجھ آ چيز اهڙي، جي ڪريون تہ بہ ٿا مرون،
جي نٿو ٿئي عشق ڪوئي، ڪين سو ڪٽبو سفر،
پيار جي برسات سائو، دل جو ٿو رڻ پٽ ڪري،
پيار بن هر آدميءَ جو، ڪين آ ٿيندو گذر،
گيت ڳائي دل عشق جا، ڪنهن مڌر آلاپ سان.
ان بدولت هي سمورو، موج ماڻي ٿو بشر،
چو اسين اوندھ ۾، هلندا رهون ٿا بي وجا،
روشنيءَ سان پڻ اُجالو، عشق جي رهندو نظر،
وٽ وڏي آ پيار پر، ڪنهن جي نصيبن ۾ هجي،
اڄ جي هر محبوب مان، جي مليو ڪورو مڪر.
بن سهاري هيءَ حياتي، جيئڻ پڻ آهي سزا،
يار ٿا چاهيون ملي ڪو، ٿئي مزو دم سو گذر.
بس حياتي هار ڪائي، موت ڏي سُرندي رهي،
مون تہ پنهنجي زندگيءَ لءِ، ڪين ڏاهيو ڪو سمر.
ڪاش ڪوئي درد دل جو، پڻ اچي هلڪو ڪري،
ڪو تہ ايندو روح پرور، مان رهان ٿو منتظر.

مان غريبن بي-سهارن جو، هجان شاعر سدا،
جي بہ آهن تن جا هردم، پيو لکان خالص مدا.
ڪيترو بک کان جلن ٿيون، ڏيهيون هت مشڪين ٿي،
روح منهنجو آهي رُئندو، سوچي ڪجھ اَهڙو جُدا.
آد ڪان اِنصاف قدرت جو، اَنڌو ٻوڙو رهيو،
چور اُچڪا رِشوَتي سڀُ، موُج ڪن ٿا ڪارندا.
ڪيترو مالِڪَ جي نالي ۾ هلي ڪوڙو ڪفر،
ڌرم مذهب تن اَٻوجهن لئہ ڪَسِيا ڪيئي ڦندا.
زهر کان وڌ ڌرم سارا، خون پي نچندا رهن،
نانگ زهري ڏنگ هڻن جيئن، تيئن ڏنگين مذهب گندا.
خون انساني جسم جو، سڀ مذهب هر هنڌ پيئن،
جنس انسانن جي هڪڙي، ڌرم کان سڏجن جُدا.
پل اَچي خوني غدر، ساري دُنيا ونجي وڃي،
گند سارو هن جهان جو، ڌوپجي سڀُ ٿئي صفا.
پل تہ هر هڪ ملڪ ۾ پئي، خون جي هولي جلي،
آدمي شيطان هڪ ٻئي سان ملي ويا سڀ ٻندا.
جوهري بم هر ملڪ ۾، پل وسن قتلام ڪن،
باقي جي بچندا اُهيئي، نيڪ هوندا ناخدا.

او ربا تنهنجي خدائيءَ سان ڪريون ڪيئن دوستي،
اَڄ جو ماڻهو نِت ڪري، بئي جي سدا بيحرمتي.
دوستيءَ جو خوب ڄاڻن، ڍونگ سڀ دوست ڪري،
پيار جي ڪنهن هنڌ ٻُجهايون، دِل ۾ آ جا تشنگي.
ڪِيئَن وڃون مندر مڙهيءَ ۾، منُ وڃڻ چاهي نٿو،
مان اندر ۾ صرف تنهنجي، پيو ڪريان پڻ بندگي.
زندگي گذري وئي بس، صرف محنت ۾ سڄي،
ڪين ڪجهه حاصل ڪيوسين، او مٺا ! آسودگي.
ڏوهه جڻ خود سان لڳي ٿو، هي جيئڻ جو فلسفو،
ڪو ٻڌائي عقل مند پڻ، ڪٿ ڪريون حاصل خوشي.
صرف دولت جي ڪسوٽيءَ تي ٿو ڪسجي آدمي،
آدميءَ جو ماڻهپو، اڄ ڪلهه لڳي آ هيَ پنگي.
چئُه پلا کهڙي آ معنيٰ، اڄ جي انسان جي رهي
سوچي سمجهه ۾، ڪيڏي اچي وئي بيوسي
شڪريه تو موت جو ڪو ڏيو آ خلقي ڇڏيو،
نت جيئڻ لائق نه جيون، سچ چوان ٿو مهرشي.

آدمي هر جانوَر کان، بدِ ٿو پڻ بدِتر لڳي،
راڪشش سمجهي بہ خود کي، ڪاٽيو خود جا سِر يلي.
تا ڏِسون اِتهاس اِنسانن جو بيشرميءَ ڀريل،
هر مذهب کان حال تن جو، جڻ تہ ٿو ڪنڌهر لڳي.
خون جا پياسا سندن جا، سي نهيل آهِن مذهب،
عقل تِن جو ڊينچون ڊينچون، ٿو گڏهہ جو ڦر لڳي.
اَلله جي نالي ڪيئي! ڪوس ٿا هر هنڌ هلن،
هيءَ دنيا دوزخ سمورو، موُت جو ئي گهر لڳي.
ظُلم جي هر هنڌ اِنتها، خون جا ريلا وَهن،
جڻ ڪاسائي خانو ڦهري، هر خطو بوچر لڳي.
دور ڪهڙو آيو رهزن، پِڻ جيئون ٿا خواه مخواه،
گِدڙ بگهڙ لوُمڙ، اِنسان ٿو ڪو شر لڳي.
جِن مذهب جي پيڙهہ دِلين جي اَندر پختي ڪئي،
عقل سان هرهِڪ ڏِسون ٿا، جڻ تہ ڪو شاتِر لڳي.
فلسفو ڪيڏو مذهب جو، آ اَنڌو ٽنڊو منڊو،
هِڪ سچو صاحب اَسانکي، ايِشوَر پوِتر لڳي.

ماڻھوءَ جي جسم ۾ آ ڀريل زهر جي ڀري،
ڪنهن نانگ هنئيس چڪ تہ اهو نانگ ويو مري.
اِنسان جي انسانيت، ڳولي ڪٿي لهون،
سوچي اسانجي سمجھہ لڳي، ٿي وئي چري.
ڪھڙي وفا جي آس رکون، ڪنهن حسينہ مان!
هر بيوَفا آ عورت، ڀل خود آ پوپري.
انسان کي پيٽي ٿا ڏيون، گار مِرونءَ کي،
هيءَ جنس، مونس مذڪر، بيحد آ ڪوچري.
پڻ خود جي وڏائيءَ جا ڏين، واڪ ٿا ڪيئي،
بدبوءَ سان ڀريل جڻ ٿي لڳي ڪا مڇي تري.
جائز ٿا ڪري پاپ جيئڻ ڪي مڇي هلن،
ڪيڏي نہ غلاظت سان ڀريل، آ سا ڪوپڙي.
من کي نہ رکن صاف، رکن تن کي ٿا اُجرو،
مندر ۽ مسيتن ۾ رڻن، رب ۽ ڀيو هري.
هي ويد هي قران، هي گيتا هي بائيبل،
اَنجيل لکي ڪيڏو ٿا ڪن، ڍونگ ڏاهري!
گندگيءَ سان ڀريل ڪيڏو آ، اِنسان جو وجود،
مون ڳالھہ ڪئي تن جي، صرف آهي هڪ ذري.
محبوب مڇي جنهن جي ڪريون بندگي پيا،
هڪ پاڪ چئي پوڇيون اُها ڏات شاعري.

ٿورو سچ جو سيڪ، ساري ڪوڙ کي ٻاري ڇڏي،
وقت پڻ ڪيڏو وويڪن، ڪي بہ ٿو ماري ڇڏي،
وقت جي پڻ وهڪ آ، راڪيٽ کان ٿي تيز تر،
وقت سان نهڪي هلڻ سان، وقت ٿو جياري ڇڏي.
سچ چوڻ لئہ گهٽن واتن، جي ضرورت ڪين آ،
هڪ هجي اِنسان اهڙو، جڳت کي تاري ڇڏي.
ڪوئي سلجهيل ٿيو صدين ۾، هڪ انوکو آدمي،
سو عقلمند مارڪس هو، ممڻ جو ٻاري ڇڏي.
وئي فلاسافي اڏوري، ڪين ٿي مڪمل اها،
پر جيئڻ جي راهہ ڪائي، سڀ کي ڏيکاري ڇڏي.
اڄ جي يگ ۾ صرف اوندهہ، ڪيچ تہ آ هي روشني،
جيئن چندرما هڪ ئي هوندي، جڳت سينگاري ڇڏي.
ٽپت پڻ جيڏي تکي هوندي سا آٿي ميگهہ کي،
کو جهڙلو واهُ مهڪيِ، جسم ٿو ٺاري ڇڏي.

دوريِ اَسانجيِ آهي دِلـيُـنِ ۾ پـئي پـئي،
تڙقيِ اُتيِ آ دِل ٻ، سِتَمَ کي سهيِ سهيِ،
کيڏيِ نہ دِل ۾ چاھ، اوهان لاءِ مون سنڀاليِ،
تڪجيِ پيُسِ مان نياپا اَکيُن جا ڏئي ڏئي.
خاموش محبت جو ذِکر ڪنهن سان ڪريان مان،
طاقت زبان کان آھ، چَوَڻ جي وئي وئي.
سارِيندي تـوکي روز رُنو، عشقُ بار بار،
چانئين آ ڏونڌ جي ٻ، اَکِيُن تي رَئي رَئي.
اِظهار پنهنجي پيار جو، هر روز ڪيو مون،
شايد خطا کا جبريِ ڪيم، ڪُجھ چئي چئي.
جادوُ آ نِگاهن جو اَگر، پُل کان تيِ وِيو،
هئي کهڙي بهاني سان محبت نهيِ نهيِ!
تِينديِ نہ پياس پوريِ، اَڌوريِ اِئين رهي،
تُربت اَسانجي پيار جيِ، وينديِ ڍهيِ ڍهيِ.
مکمل نہ ٿيو عشقُ، ”پياسيِءَ“ جو جهان ۾،
چاڪاڻ دِل جي پياس آ، اَڌوُريِ رهيِ رهيِ.

ماڻھوءَ جي جنس جو بہ ذڪر ڪھڙو ڪريان مان
سوچي اسان جو عقل بہ شايد، مري ويو.
لفظن سان لاڪ لاٿي ھئي سلمانَ مذھب جي،
ٻُڌندي دليِل ھُنَ جا، مغز منھنجو ڪريِ ويو!
پوٿيون ٿا پڙھون ڪوڙ جون، جنِ ۾ آ خزانو،
اِتِھاسُ سَچائيءَ جو، اَڪيُن ۾ آ ترِيِ ويو.
ڪنھن فيلسوف پڻ ڪا فِلاسافيِ ھيِئَن لِکيِ،
سَچُ ڪُڏندو رھِيو، ڪوڙ اَڳيان سارو ڳريِ ويو.
جو ڪوئيِ چوي خود لئِہ خدا جو مان خليِفو،
سو گڏھُ اَچي عقل جو ئيِ گاھُ چريِ ويو.
آدم جي ذاتِ زھريِ، بلا ڪان بہ آ بُڇڙيِ،
ڪو ماڻھو وچيِ نانگہ ۾ پِڻ زھر ڀري ويو.
چرچي ۾ ڪنھن ماڻھوءَ چيو، زھر جو ڍِڳہُ مان،
سو نانگہُ بِہ ماڻھوءَ جيِ اَچيِ حاميِ ڀري ويو.
ڪنھن عقلمند وقت جيِ تشريِع ھنِئين ڪئي،
ھيِءُ وقتُ حراميِ سان حراميِ ٿيِ مِليِ ويو.

تنهنجي يادُنِ جا فانوش ٻرن، منهنجي من جي رستن راهن ۾ ،
مونکي ياد اچن سي پل پيارا، مون توکي پريو هو ٻانهن ۾،
مون پلڪن جْي پاڇولن ۾، پئي توسان روح رِهاڻ ڪئي،
مون رنگ پريو هو راتين ۾ سپني جي سهٽي چاهن ۾،
پل ڪين سَري تو يار سِواءِ، آ قَسم خدا جو مونکي پرين،
مان توکي سنياري سُڏڪان پيو، فرياد اچي ٻڌ دانهن ۾.
شِڪوا ڪريان ڪنهن ساڻ پرين، هت پيار جا ويريِ ڪيئي ٿيا،
هي درد فراقن جو لشڪر، ڏس ستم ڪري ٿو ڪاهن ۾،
جت پنهنجو پياسو پيار مليو، سرسبز هئي سا وستي ڪا،
هئا وَسندڙ سيئي وِيرانا، رُج هاڻِ چراهن گاهن ۾،
هو ناچُ نچيو ڪيچ وقت پرين، هي پيار اسانجو پوپٽ جيان ،
جڻ ڪيل گلن هو پونئري جو، تيِنئَن پيار ڪُيوسين چاهن ۾.
هي پيار جي ڪومل روحن کي، ٿا چيري وجهن ڪي جڳ وارا،
پيو پيار اسانجو تڙقي اچ، جڻ ماتم ٿيو بيواهن ۾،
ڇا ذڪر ڪريان مان ”پياسي“ ڪو، اُلفت جو اثر مون کهڙو ڏنو
آ پيار اسان جو شاعر ٿيو، ويو هُل مچي آ ڏاهن ۾.

هِڪ تنهنجيِ رهيِ يار آ، دِل ۾ ڪميِ ڪميِ،
ڏِس تنهنجي وِڇوڙي ڪان اَکيُنِ ۾ نميِ نميِ.
مجبور ڪري دِل جو سدا دردُ اَسانکي،
دِل پنهنجيِ اَسان پنهنجي هٿنِ سان ٿميِ ٿميِ.
جادوُ ڪيو آ تنهنجي محبت جي اَثر پڻ،
هي پريتِ اَچيِ روح ۾ آهي رَميِ رَمي.
تو پيار جو پيغام مُڪو مُحب اَسانکي،
کوليان ٿو تنهنجي خط کي پِرِينِ مان چُميِ چُمي.
مون توتي محبت ۾ رکيو نانءُ هِنِ طرح،
ڏِسُ ڪيڏو مِنو نالو هو تنهنجو ٻميِ ٻمي.
تنهنجي اَچڻ سان باڪهه ڦُٽي ٿيو هو سوجهِرو،
هر طرف روشنيِءَ جيِ لڳيِ وئي شعميِ شعمي.
پاڳل ٿو لڳي عشق جو ڪو تير جِگِر ۾،
زخميِ ٿيو جگر اَسان جو لَميِ لَمي.
پرجي ٿو ڪوئي سِڪَ جو اَبر آسِمان ۾،
جڻُ هير لڳي جسم کي ٿيِ گهميِ گهمي.

هڪ تنهنجو حسين روپ، اکين ۾ سجي سجي
هان پيار صرف تو سان پرين، پيو ڪجي ڪجي.
تنهنجي وجود کي نہ ڪڏهن، ڪوسو لڳي ڪو واءُ
او محب حسن تنهنجو، سدائين بچي بچي.
تنهنجي ڪڏهين نہ خشڪ ٿئي پيار جي ڪيتي،
تو لئہ سدائين پيار جو، اَبر وسي وسي.
مون جهڙا پرين ڪيئي سلاميون اوهان جي در،
پاڳل پريمي ڊوڙندو، تو وٽ اچي اچي.
جيڪا بہ گذارين تون حياتيءَ جي هر گهڙي،
محفل اوهان لئہ روز نئي ٿي مچي مچي.
سائو سادائين سرهو رهي، پيار جو درخت،
پل پيار جو ئي ڦل مٺو، ٿي پچي پچي.
لهرائي سدا تنهنجي اکين ۾ غرور پيو،
خود سونهن جواني پئي تنهنجي نچي نچي.
جادو تمام عمر رهي، تنهنجي حسن جو،
تو در سدائين پيار ۾ ''پياسي'' اچي اچي.

خوش ٿوڪي ڏسي روح ٿو منهنجو کلي کلي،
تو جهڙو سدا محب پيو چاهيان ملي ملي،
حسرت آ جڳي پيار ۾، پڻ توسان ملڻ جي،
پل کو رقيب ڪيڏو ئي، دل ۾ جلي جلي.
دل جو سمورو تو آڳيان، کولي رکان ڪِتاب،
اَهڙو ڏسان نہ ڪوئي جو، مونکي جهلي جهلي.
مان تنهنجي وفائي جو پريان، دم پيو جهان ۾،
ڪو سوُرَ اچي مون سان پرين پڻ سلي سلي.
هر رات ڏسان خواب ۾، تنهنجو حسن روپ،
ان روپ جو مان روپ ڏسي، ٿيان بلي بلي.
هڪ تنهنجي وصل جي آ لڳي پياس اي پرين،
مستيءَ جي اهڙي بوءِ، بدن ۾ گهلي گهلي.
تو مون سان جڏهين پيار ۾، مرڪي هو نهاريو،
سانهر نيهن جي ٿي اکين ۾ چُلي چُلي.
مان تنهنجو سودائي ٿي پيو عشق ڪمايان،
دنيا ۾ گنهگار پيو، سڄان پلي پلي.
جيڪو ٿو لکان شعر چوان غزل 'پياسي'
تنهنجو ٿو سدا عشق اِنهن ۾ هلي هلي.

مارِيو اسان کي تنهنجي حسن جي ڦڏي ڦڏي،
رولي ڇڏيو اسان کي پرين، تو ڇڏي ڇڏي،
مان ڪيترو اڻڄاڻ هئس، حسن عشق ڪان،
تو پيار ڪيو مون سان، پرين هو سڏي سڏي،
ڪيڏو نہ وصل لاءِ پئي، تڙڦياسين خود ملي،
تون مون سان اچي وينين هئينءَ گوڏا گڏي گڏي،
هي پيار اسان جو بہ رهي، جڳ ۾ امر ٿي،
تون منهنجي پرين دل مان، نہ وڃجانءِ لڏي لڏي،
بيمار لڳي عشقُ تو، جڙ اَبد ڪان اَڄُ پٽ،
هن پيار بہ مونکي ئي آ، ماريو جڏي جڏي،
سنڌ کي ڇڏيندي هند ۾، پٽڪياسين در بدر،
ڏاريو تو سنڌي اڄ بہ لڳي، سنڌ کي ڇڏي ڇڏي.

بيوس اسان جو پيار، جهان ۾ لڳي لڳي،
ڪوئي ٻڌائي ڪيئن سو، بيوس تڳي تڳي،
من جي مراد ڪين ڪرڻ پوري آ وس ۾،
ماريو نہ غير مونکي آ، ماريو سڳي سڳي،
ڪوئي ڪري جي مکر رهيو، ننڊ ۾ سمهي،
ان ڪوڙي ننڊ مان سو پلا، ڪئن جڳي جڳي،
ماري اجان ٿي ياد، سنڌوءَ جي گهڙي گهڙي،
پنجاھ سال ٿيا بہ سنڌوءَ کان پڳي پڳي،
ارمان اجان دل ۾ رهن خوب جوان ٿا،
چاهيان ٿو حسين ڪوئي اسان کي نڳي نڳي،
کهڙو ٻڌايان دل کي مليو غم الم ڪتان،
ماريو اسان کي حسن جي ظلمي ڏڳي ڏڳي،
ڪاڪا حسين روح کي، بيحد اجا وٺي،
پيو ننڊ ستل عشق اندر ۾ جڳي جڳي.

ڏسڻ سان محب پنهنجي کي، ٿئي ٿي ڳُدڳُدي ڪيڏي،
نچي ٿي روح جي نَس نَس، مِلي ٿي پڻ خوشي ڪيڏي،
اِنهيءَ دم روح جا جذبا، لڳن ٿا ڄڻ جوانيءَ جا،
اُفق ۾ عشق اُڏري ٿو، اَچي ٿي بيخودي ڪيڏي!
سُرخ چهرو ڏِسي اُن جو، گلابي گل اَچن سامهون،
لڳي ماحول ٿو سُرهو، مِلي ٿي تازگي ڪيڏي.
مِلڻ لئه پڻ اَچن مُرڪي، گهڙيون پنهنجي پريميءَ سان،
لڳي سُهڻي حياتي ٿي، وَڌي ٿي دوستي ڪيڏي.
نشو نيڻن ۾ پرجي ٿو، اَکين مان مڌ رهي وَهندي،
وَڃن ٿا هوش پڻ گم ٿي، ٿئي ٿي مئه ڪشي ڪيڏي!
سفر ساري حياتيءَ جو، ڪٽڻ چاهيون اِنهيءَ سان پڻ،
اِها وَڻندڙ ۽ موچاري، لڳي ٿي زندگي ڪيڏي!
اُڏي ٿو وقت پڻ اُن جو، لڳائي پنک اُلفت جا،
جهان جي چپن تي اَهڙي، اَچي ٿي عاشقي ڪيڏي!
گهُري ٿو خير جو ڪوئي، بہ آدم ذات جو دِل سان،
اِهائي رب جي پياسي، سچي آ بندگي ڪيڏي!

عجب لڳي ٿي ساري دنيا، عجب رنگ انسان ملن،
ڀانت ڀانت جا هر ماڻهوءَ لئه، ڪيئي ٿا ڀڳوان ملن،
ڪيئي ماڻهو جنم جات کان، ڪين ٿين ٿا وحشي پڻ،
وقت ٻڌائي تن کي ظالم، پوءِ اهي شيطان ملن،
لڙي لڙائي ڪيئي حقن جي، موت گلي سان لائين ٿا.
سيئي نذر ۾ نازڪ ماڻهو، دل جا ٿا ٻلوان ملن،
ڪنڌ نوايو ظلم اڳيان جن، ماڻهون ڪن مجبورين کان،
لڙي نه وڃندا حق سندن جو، عقل ٻنا نادان ملن،
هلن جهان ۾ رات ڏينهن ٿيون، هٿيارن جون سوين ٻنيون،
جيون موت وڪامن ٻيئي، تن جا ٿا سامان ملن،
سنتن جي هي ڀارت ڀومي، اڄي نڀو ويساهه اهو،
هتي جا راجا رنڪ سمورا، حد کان وڌ بيمان ملن
خبر وڃو رشتن ناتن جي، ڪنهن ڪنهن ۾ آ دم رهيو،
اڄ جا پوٽا ۽ پٽ ڏوهٽا، جهڙا ٿا حيوان ملن،
ڪهڙا سور لکان مان ”پياسي“ غزلن ۾ هن دنيا جا،
دفن ڪيم قبرن ۾ تن کي، دل ۾ ٿا شمشان ملن.

ڏسڻ سان محب پنهنجي کي، ٿئي ٿي ڳُدڳُدي ڪيڏي،
نچي ٿي روح جي نَس نَس، مِلي ٿي پڻ خوشي ڪيڏي،
اِنهيءَ دم روح جا جذبا، لڳن ٿا چڻ جوانيءَ جا،
اُفق ۾ عشق اُڏري ٿو، اَچي ٿي بيخودي ڪيڏي!
سُرخ چهرو ڏِسي اُن جو، گلابي گل اَچن سامهون،
لڳي ماحول ٿو سُرهو، مِلي ٿي تازگي ڪيڏي.
مِلڻ لئہ پڻ اَچن مُرڪي، گهڙيون پنهنجي پريميءَ سان،
لڳي سُهڻي حياتي ٿي، وَڌي ٿي دوستي ڪيڏي.
نشو نيڻن ۾ پرجي ٿو، اَکين مان مڌ رهي وَهندي،
وَڃن ٿا هوش پڻ گم ٿي، ٿئي ٿي مئہ ڪشي ڪيڏي!
سفر ساري حياتيءَ جو، ڪٽڻ چاهِيون اِنهيءَ سان پڻ،
اِها وَڻندڙ ۽ موچاري، لڳي ٿي زندگي ڪيڏي!
اُڏي ٿو وقت پڻ اُن جو، لڳائي پنک اُلفت جا،
جهان جي چِپن تي اَهِڙي، اَچي ٿي عاشقي ڪيڏي!
گهُري ٿو خير جو ڪوئي، بہ آدم ذات جو دِل سان،
اِهائي رب جي پياسي، سچي آ بندگي ڪيڏي!

عجب لڳي ٿي ساري دنيا، عجب رنگ انسان ملن،
پانت پانت جا هر ماڻهوءَ لئہ، ڪيئي ٿا پڳوان ملن،
ڪيئي ماڻهو جنم جات ڪان، ڪين ٿين ٿا وحشي پڻ،
وقت بڻائي تن کي ظالم، پوءِ اهي شيطان ملن،
لڙي لڙائي ڪيئي حقن جي، موت گلي سان لائين ٿا.
سيئي نڊر ۽ نازڪ ماڻهو، دل جا ٿا ٻلوان ملن،
ڪنڌ نوايو ظلم اڳيان جن، ماڻهون ڪن مجبورين ڪان،
لڙي نہ وٺندا حق سندن جو، عقل بنا نادان ملن،
هلن جهان ۾ رات ڏينهن ٿيون، هٿيارن جون سوين بڻيون،
جيون موت وڪامن پيئي، تن جا ٿا سامان ملن،
سنتن جي هي پارت پومي، اڇي نٿو ويساھ اهو،
هتي جا راجا رنڪ سمورا، حد ڪان وڌ بيمان ملن
خبر ونو رشتن ناتن جي، ڪنهن ڪنهن ۾ آ دم رهيو،
اڄ جا پوٽا ۽ پٽ ڏوهٽا، جهڙا ٿا حيوان ملن،
ڪهڙا سور لکان مان ”پياسي“ غزلن ۾ هن دنيا جا،
دفن ڪيئم قبرن ۾ تن کي، دل ۾ ٿا شمشان ملن.

لڙو سڀ حق ڪرِيو حاصل، ڇو ڳانڍو ٿيِ ڳذاريو ٿا،
حڪومت جي اَبن ڏاڏن، ڏي ڇا لئہ پڻ نِهاريو ٿا.

غريبيِ آ ڳوارا، پر نہ گھُرجيِ مُفلسيِ ڪائي،
غريبيءَ کي مِٽائڻ لئہ، لڙو خود ڇو سماريو ٿا.

صدين کان ظلم بربيت جو هلي ٿو راڄ دُنيا ۾،
سهڻُ ڇا ظُلم آ لازم، سهيِ ڇو جنم ڪاريو ٿا.

خدا خود ڪينَ کي ٿيندو، ڪڏهن هيٺن جو آ ساٿي،
هِمت ڪيڏي ڏني خاوِندَ، سندس ڇو نانءُ ڪاريو آ.

جيئَن ڪيڙين مڪوڙين جِيان، اِهو اَختيار آ سيڪي،
جيئَڻ لءِ حوصلو گھُرجي، ڇو جيوَن کي آزاريو ٿا.

زماني ۾ ديا جي بِيکہ، مِلي ٿيِ لوُلي لنگڙي کي،
رهو روشن جهروڪن ۾، ڇو نيٽي آبُ هاريو ٿا؟

خدا آ ڪينِ غربت جو، خُدا خود شاه آ شاهي،
بغاوَت سڀ ڪريو اُن سان، ڇو هٿُ اُن ڏي پٽاريو ٿا!

اَسانکي پيار پنهنجي تي، سدائين ٿيو فخر آهي،
زماني جي چپن تي اَڄ، اَسانجو ئيِ ذِڪر آهي.
اَسين موڙي سگهون ٿا رُخ بہ ڪهڙي وَقت ظالِم جو،
اَسان شهزور سي بانڪا، اَسانجو سو جِگر آهي.
اَسِين پنهنجي قلم جي ڌار کي، تلوار ٿا ڀانيون،
اَسانجي هر شعر ۾ ٿيو، بغاوت جو اَثر آهي.
جهُڪياسِين جِن سدائِين، سونهن سچ سان آ رکي ياري،
اَسان پنهنجي هٿن سان دِل اُنهن کي ڪئي نظر آهي.
جهُڪايون ڪِين گردن کي، وَڃي بُت خاني ۾ هرگز،
اَسان جي روح ۾ رب جو، اَڏيل پنهنجوئي گهر آهي.
مُنِڪَرُ مان رهيُس هردم، پيغمبر ڪوڙي پيرن کان،
اَسانجي سوچ ۾ سارو، اِنهن جي لئہ ڪفر آهي.
ڏِيان ٿو حوصلو هردم، غريبن بي-سهارن کي،
لڙو سڀ حق ڪرِيو حاصل، جوان جذبو اَگر آهي.
ڪِتي آ سوڪَ ڪِٿِ ٻوڏون، ڪِٿي ٿا زلزلا ڏِسجن،
ڏِسون ٿا موت جي مُنهن ۾، پيو سارو بشر آهي.

ڇو ٻِڃان، ڇا لـئِہ ٻِڃان، تـوکان خُدا منهنجا خدا،
مان ڪِٿي آهِيان مِنا، توکان جدا منهنجا خدا.
تون سواسن ۾ سمائين، تـو حـياتيءِ ڳٽپ جي،
ٿِيس تنهنجي اِن رضا تي، مان فِـدا منهنجا خدا.
ڪيتِرو دِلڪش حسين، سنسار جوڙيو ٿئي عجب،
پِڻ ڪِٿي آٿِين بهارون، ۽ خزائون پِڻ سدا، منهنجا خدا.
ڪير آهي تو بِنا، هِن جـڳـت جو خالِـق سچو،
ڪوئيِ حاڪِمِ ڪو رنڪ، پر سڀ بندا، منهنجا خدا.
پر جڏهن تنهنجا بندا، وَهشيِ ڏِسان تو جانوَر،
روح تو زخميِ ٿِـئي، ڪنِ ڪَم ڪُڏا، منهنجا خدا.
تون پِتا پرميشوَر، پالڪُ بہ ساري جڳت جو،
ڇو ڪي روئيِءَ لئِہ بين در، ڪن صدا، منهنجا خدا.
ڪيتِرو پنهنجي عـقـل ڪي، پِڻ هلائي تو ڏِسان،
بار تو خود کي لڳان، سڀ کان جُدا، منهنجا خدا.
مون نہ ڪوئيِ پاپَ جهِڙو، آ ڪرم ڪوئيِ ڪيو،
پوءِ بہ جڳہ منهنجي ڪري، ناحق نِندا، منهنجا خدا!

ڪِلي ڪوئي گذاري ھِتِ تہ روئي ڪو گذاري ٿو،
مليِدا مال ڪي ڪائين، ڪو روٽيءَ لئہ نِھاري ٿو.
عجب گورک سچي دُنيا، عجب آ کيل قدرت جو،
ڪو ظالِم ظُلِم ڪي ڊائي تہ ڪو شوڪي پُڪاري ٿو.
وَسن ٿا قهر جا اولا، بہ قدرت جي عنايت جا،
آ ماڻھو موت جي مُنھن ۾، بٽي بيوَس گذاري ٿو.
ڪڏھن ڪا خوشنما راحت، اَچي ٿي پاءُ پلڪن لئہ.
اِنھيءَ ھِڪ موج ۾ ماڻھو، بہ ڪُجھ ڪُجھ غم وِساري ٿو،
ڪِٿي رنگ روپ جي محفِل، ھلن مدّ جا پِيالا پِڻ،
ڪو تڙقي پيار ۾ بيوَس، ھنجون پِڻ خوب ھاري ٿو.
اَسانجو ديس ھي پارت، عجيب مھما بہ آ اُن جي،
ھِتي ھر آدمي ٻئي جي، سدا ڪيسي ڪي ماري ٿو.
ھجي پيسو صِرف پيَسو، خدا ھِن دور جو آھي،
بنان پيَسن جي ماڻھوءَ کي، ھِتي ھرڪو ڌِڪاري ٿو.
پلي اِخلاق جي دولت، مِلي آ ڪيڏي پياسي کي،
ڪسيرو مُلھ نہ آ اُنجو، گُري سو خود کي ٻاري ٿو.

ڪيڏو آ آڪروش جلائي تو تن بدن،
اَفسوس اَسانجو آ ائين، خار تيو چمن.
بيجاءِ نہ بڪواس ٻڌي، ڪنهنجي سگهون تا،
هر آدميءَ ڪي مون آ ڏِنو، پڻ ڪندو غبن.
ڪيڏي نہ اَچي يادِ اَجا تائين سِنڌوءَ جي،
ڪوئي ٻُڌائي ڪِيئن ڀُلائي سگهون وطن.
آهي حيات جنگ جو ميدان جهان ۾،
ازلي لڳي ويچارو، اَجا تائين پيو اَمن.
ڪيڏيون نہ حسرتون بہ ڇمڻ ساڻ تيون مرن،
ڪنهن ڪنهن ڪي پِنايون بہ ڪريون ڪِن جو پيا دفن.
اُف ڪيڏو حياتيءَ جو جيئڻ ٿِيندو ڪٺن آ،
ويڙهي رکيو هزارين، خيالن ڪي آ غمن.
هِتِ ديس جي سِياست جو ذِڪر ڪهڙو ڪرِيان مان،
رِشوَت جو هِتي زور، حقن جو ٿِئي هنن.
ڪيڏا وَڏي فقير ويا پِنن هزارين،
اَنگ اَڪر وَڏن روز، ڪڏهن ڪِين تا گهٽن.
رِشتا بہ لڳن خون جا، زهِري وَبال تا،
آ ڪيترو سَتايو ماءُ پيءُ ڪي پُٽن.
عورت جي وَفائيءَ جو ذِڪر، ڪجهہ ڪريون مگر،
هردم وَفا ڪان دور، پيارو رکن چلن.

اَڄُ ڪوئيِ حسين پيار جو گُلشن ڏِسيِ اَچون،
حورن سان مِليِ خوب، خوشيءَ ۾ نچيِ اَچون.
ساري جهان جو درد، وِساريون پيا اِن گهَڙيِ،
کهڙي بہ غم جي دز منجهان، خود کي ڪڍيِ اَچون.
سرها بہ ڪٽون سواس، ڏِسون حسن گلابيِ،
ڪنهن پيار جي چندرمُکيءَ جا، هٿَ چُميِ اَچون.
پيڙا جيِ ڪائي لِهر نہ لوڏي سگهي جِسم،
فولاد بڻي عشق جو، مچ مان لنگهي اَچون.
موتِئي ۽ موگري ۽ گلابن جو هر قِسم،
سِڪ سان ڪنوَل گل جو بدن پڻ سِنگهيِ اَچون.
نيهيِ نشو اَکين مان، اَسانجي روان تِئي،
پيِ ڪو شراب اَهِڙو، نشوڙيِ بڻيِ اَچون.
سوچيون جي جهان ۾ نہ تِين قتل عام جا،
هر ڪنهن ڪي اَمن پيار جو، نوتو ڏيئيِ اَچون.
پل ماڻهون ڪندا رهن قتل سِر قلم ڪئي،
تن جو وَجود پاڻ مِليِ، سڀ وَڍيِ اَچون.

ڳل خار ٿيا پوءِ بہ چا ٿا ڪريون سگهون،
جيئرو بہ رهون ڪيئن ۽ ڪيئن ٿا مري سگهون.
ڪيڏا ٻرن ٿا ٽانڊا، اسان جي ذهن ۾،
هردم وسامون پاڻ هتي، ڪيئن ٻري سگهون.
جوڙي رکون ڪنڌ هر ۾، ڪوئي حسين محل،
خاموش ڪڙي موهن دڙي، جيان پري سگهون.
ساگر آ سوچ جو بہ تري، پار ڪيئن پئون،
افسوس ترڻ ڄاڻندي بہ ڪيئن تري سگهون.
گمراهہ بندن کي تہ ڪندا، ٿا رهن بندا،
ڪنهن سان فساد ڪين ڪري ٿا چڙي سگهون.
هي درد جو ڪسادو ڏسان ڪيڏو آ صحرا،
ڪهڙي تلاش کي بہ هتي، ڪيئن ڏري سگهون.
هلندو ئي رهڻ آهي، حياتيءَ جو فلسفو،
بس موت ڪان ئي پوءِ، ٻڪڻ ڪان رڪي سگهون.
ڪنهن ڪنهن کي اچي شاعري، علم عروض ۾ ڇي،
پنهنجي مغز ۾ ڪيترو، ڪو فن پري سگهون.

مان چريو پاڳل پريمي، پيار ۾ اڙجي ويس
عشق سوني حسن جي، مالها ۾ جڻ مڙجي ويس
حسن واري حورجي، نيڻن هو مشڪيو زمر سان
مان سندس اکين جي ياڪر ۾ ائين ہڪجي ويس
ڪيترو خود کي سنڀاليو، پئي اسان کنهن حور کان
باز آتش جي چمبن ۾، ري گناهه ڪيجي ويس
پڻ هئس مان انقلابي، پي لڙيس هر ظلم سان حسن سان
ڪُستي لڙيس پئي، بس ائين دسجي ويس
کنهن حسينا صرف نيڻن جو نشو پياري ڇڏيو
بس تڏهين کان چڪر چوراسيءَ ۾ مان ڦسجي ويس
پيو لکان ان مه جبين جي، هر ادا جا ڪئي غزل
شاعريءَ جي سخن جو، شاعر بڻي رَسجي ويس
عشق جو پرواز ڪيڏو، ڪٿ رسائي تو ڇڏي
هند سنڌ جي ادب ۾، پياسي سنڌو لڪجي ويس

رڳ ڪوڪ غريبن جي، اجان مون ٻڌي ڪٿي؟
ڪا چوٽ هجي گهري، اجان آ لڳي ڪٿي؟
آهي اجان اڌوري، ملاقات پيار جي،
گاڏي هلڻ جي سيٽي، اجان آ وڳي ڪٿي؟
ڪيڏو ٿا ڏسون روز ستم، ۽ وڻاءُ هت،
ڪا چڻنگ لڳي باھ جي، ۽ دل جلي ڪٿي؟
ڪيڏي تلاش رڄ ۾، پاڻيءَ لئہ ڪنهن ڪئي،
سڪو بہ پنهنجو ختم ڪري، پر وڃي ڪٿي؟
ڪيڏو ٿو ڪري پورهيو، زمين ڪيڙي ٿو هاري،
برسات اجان پونءِ تي، آهي وسي ڪٿي؟
هردم تلاش سک جي ڪري، روز ڳهي ٿو،
هان هان اميد جي اجان، ٻيڙي ٻڌي ڪٿي؟
ڪيئي حسين صورتون، هر هنڌ پئي ڏنيوسين،
جا مرڪَ سان موهي، سا حسيِن آ ملي ڪٿي؟

هڪ راهه عاشقيءَ جي اجان آ ملي ڪٿي؟
عادت تلاش جي به اجا آ ڇڏي ڪٿي؟
سارينديي سنڌوءَ کي به اشڪبار ٿيون اکيون،
هان هان وطن جي ياد، اجا آ وئي ڪٿي؟
ساڙي ڪو جذبو مونکي، منهنجي وجود کي،
سا آگ اجا مونکي اڇي آ لڳي ڪٿي؟
هڪ خواب خوش نما به اسين روز ڏسون ٿا،
نيٽن مان ان جي ياد، اجان آ وئي ڪٿي؟
ڪاٿي به ڇڏي مونکي وطن جي سنيار ڪان،
ڪاٿي سا اجان ڪين تڪي، آ نهي ڪٿي؟
ڪيڏا گذاريا ڏينهن، ڳٽي ڪنهن جي سار ۾،
ان پيار اڌوري جي ياد، آ مئي ڪٿي؟
ڪوئي اُڏيڙي گهاوَ ويو، تيز خنجر سان،
ملندي نه ڪائي ان کي سبي، سا سُئي ڪٿي؟
ٻوسات گهٽ ٻوسات، جلن جهڙي لڳي ٿي،
برسات ۽ اجان پيار جي، آهي وسي ڪٿي؟

لفظن جو اثر ڪيڏو ڪري اشڪبار ٿو،
محفل ۾ لڳي ڪنهن جو غزل شاندار ٿو.
ڪنهن ڪنهن حسين جي به ڪُهي ڇڻ نگاهه ٿي،
گهايل به ڪري عشق ڪوئي جاندار ٿو.
قدرت به ڏئي جنهن کي ادائن جو آبشار،
سرهو به لڳي ساهه کي، سوئي بهار ٿو.
خاموش ڪري وقت سان پنهنجو به جو گذر،
ان جو ئي وقت گذري هردم ديار ٿو.
جو آس رکي پنهنجي پرينءَ ساڻ ملڻ جي،
سو ڪشمڪش ۾ ڪيڏو رهي بيقرار ٿو.
افلاس جي حدن کان وڃي هيٺ جو لهي،
غربت کان پيڙجي سو روئي بار بار ٿو.
انسان ڪوئي سرهو لڳي پڻ ٿو ساهه کي.
ڪنهن ڪنهن تي رکجي پڻ سگهي اعتبار ٿو،
هڪ درد جو سيلاب وهي جيءُ ٿو ٻوڙي.
ڪو سار وطن جي ۾ ٻري ٿئي بيمار ٿو،
سوريءَ تي چڙهي ڪيئي ويا گهوٽ ٿي شهيد،
ڪو ڪو شهيد سڏجي هتي نامدار ٿو.

شعرن جا موتي ميڙي، جگر مان ڪٽي اچون،
پهرين تہ اهڙو فن بہ، ڪنهن ڪان سکي اچون.
ٿر جو ڏسي هي صحرا، عجب ڪيڏو لڳي ٿو،
اچہ پاڻ ٻٽي رولو ڪکر، اُت وسي اچون.
مذهب جي هانڊي جيڪي، چڙهائي پئا تا خون،
لاهيَ نقاب تن جو انهن کي سٽي اچون.
جنهن هنڌ ملي ٿي چانوَ، ٿڌي هير سان گُهلي،
پهرين تہ اهڙو ڪوئي بہ، درخت لهي اچون.
رسمون رواج ڪيڏا، ڪنها مرض تا لڳن،
پهريون تہ پنهنجون رسمون، پوري، پڇي اچون.
سارينديي وطن پنهنجو، گذاري آ اڌ صدي،
هٿرادو نهيل سنڌ جي، سرحد ٽپي اچون.
ٽوڙي ڇڏيون ديوارون، نهيل سامراج جون،
اچہ پاڻ ۾ ساجريت، گولي سيئي اچون.

اکرن جا مڙهي موتي، اچو کو غزل لکون.
جنهن ۾ هجي کو درد دلين جو اهو چئون،
واسي ويچار کين اوڳايون پيا ميهن جيان-
انصاف وڙهي جت ٻه، انهيءَ جنگ ۾ پئون،
کيڏو تا سهون زور ظلم جي وٺاءَ کي.
اچ دور کري ظلم کي، سک ساڻ پو رهون،
کي بم ٺاٽي ائٽمي، طاقت جو ڏونگ کن.
کا دونس حرامين جي پلا، کنهن سبب سهون،
سارو ٽي ساهه ۾ تا رکون، سوگهي سنڌ جي.
پوري نه ٿئي آس، اهو خواب چو لهون،
اچ سينو کري سپر، لڙون ڏاڍ ظلم سان.
باغي سڏايون ينيت لڳائي پيا جيئون،
پل موت اچي موت سڏايون پيا شان سان-
وک وک تي حياتيءَ کي ملي زهر چو پئون.

ملي ڪيئن موتَ، اُلفت جي اسان ۾ ڪجھ ڪمي آهي،
اسان هاريو آ بازيءَ کي، جوئا ڪئي سا رمي آهي.
سدائين ياد ۾ ان جي، گذاريون ٿا سحر ۽ شام،
اسان جي درد کان لڇندي، هي پاڳل دل رني آهي،
درد ڪجھ بي خطا آهي، سنڀاليو پڻ نٿو سنڀلي.
انهيءَ جي ياد کان منهنجي، اکين ۾ ٿي نمي آهي،
تصور ۾ سدا ان سان، ڪريان ٿو روح ۾ ڳالهيون،
سدا تصوير خيالن ۾، انهيءَ جي مون ڄمي آهي.
جريت اهڙي ڪريان ڪيئن مان، ڏيان ڪي ڏوهه ڏوراپا،
انهيءَ هٿ پيار جي ڏوري، ڏني مون خود ڏني آهي.
اسان جي دل ۾ دهڪن ٿا، انگارا ڪيئي الفت جا،
سڄي دنيا ۾ دل منهنجي، ڇتا ڇوري رلي آهي.
ڪري شل ٻاجھ ’پياسي‘ تي، چمڻ چانئٺ ڏئي خود جي،
مون خالي جهول ۾ ئي بيک، الفت جي پني آهي.

هن نگارخاني ۾ ڪو سڏ اونايو ڪيئن ڀلا؟
ڪيئن وڃايون پنهنجو پومپو، ڪُجهه ٻڌايون ڪيئن ڀلا؟
ڪٿ ڪريو فرياد پنهنجي، دکن دردن جو ڪٽي-
هت انڌا اڳوان آهن، سي سڏايون ڪيئن ڀلا؟
قلم جي طاقت مُڏي ٿي وئي ٻه آ ٽِس ٽِس ڪندي،
زور ظلمن ڪي قلم سان، هت گهٽايون ڪيئن ڀلا؟
شور غل ايڏو ڪنن ڪي، جڏ تہ ٿو ڦاڙي وجهي،
فرياد ڪنهن مجبور جو، ڪنهن کي سڻايون ڪيئن ڀلا؟
هي عقل خورن جي دنيا، جنگ ڪندا بم ائٽمي،
تن حرامين کي جهان مان، پڻ ڀڃايون ڪيئن ڀلا؟
هت ٿين سودا جسم جا، نقد نارائڻ ڪري،
پو حسن وارن سان پنهنجي دل لڳايون ڪيئن ڀلا؟
عقل جو ايمان هر هڪ جي مغز ۾ ڪين آ-
ڪم عقل کي عقل جون، ڳالهيون ٻڌايون ڪيئن ڀلا؟
ٿي ٻچان بيحد اچي، ڪوڙي ڪميٽي جي مٿان-
سچ جون سوچون جي اُيرن، سي دٻايون ڪيئن ڀلا؟
رهنما رهبر حوالا ڪانڌ جا مجرم لڳن-
ڏيگ سنئون انڌن ڏڻن کي چئہ لڳايون ڪيئن ڀلا؟

جيئن ڪتي جو پڇ نڙ ۾ وجهہ تہ ٽو ٽيڙو رهي،
تيئن حرامين سان اسان جو، يار ٽو جهيڙو رهي.
روڳ ڪوئي جان کي، لڳندي دکي ٽو پڻ جسم،
روح پڻ ان مرض کان ٽو، هر گهڙيءَ ليڙو رهي.
پيار ۾ اڄہ ڪل نہ آهي، ڪا خلش پڻ پيار جي،
بيوفائيءَ سان پريل، ناري ۽ نر اهڙو رهي.
باھ پنهنجي جسم ۾، ڪيڏي نهوڙي ٽا وجهن،
مڏ پيئڻ ڪانپوءِ مڏ جو، اثر ٽو ڪهڙو رهي.
بس رڳو ڍينگون ڏين ٽا، ڪيئي وڏواتا هتي،
شان تن جو گرچي ڪوڏيءَ ڪين ٽو جهڙو رهي.
ٻول ماڪيءَ کان مٺا، جنهن جي وراثت وات جي،
سو مٺو محبوب منڙو، ٽو سدا مُهڙو رهي.
ڪو بہ دک جو ڪين ساٿي، سک سان سڀ جڙجي وهن،
هن جهان ۾ ڪو دکيءَ سلن، ڪين ٽو ٻيڙو رهي.
جت حسن وارن جون ٽوليون، چوڄہ کان ڇهڪن پيون،
عاشقن جا جهنڊ اتي پڻ، موج ۽ ميڙو رهي.
نانگ جي فطرت رکڻ وارا بہ ٽا ماڻهو ملن،
روح ۾ تن جي سدائين، زهر جو ڪيڙو رهي.

جوڙي رکيو سين جيءَ سان، ڪيئي حڪائتون،
ڪولي ٻڌايان ڪيئن، جهان جون عقوبتون.
هي روپ آ ماڻهن جو وفا ڪي نہ سڃاڻن،
هرهڪ سان ڪندا ڪوڙ ۽ ڪُوڙيون محبتون.
ڦرندا تا رهن ڦرڪڻي ٻڻجي جهان ۾،
پالي تا رکن روح ۾، ڪيئي علامتون،
هڙپي تا سگهن مال غرت سڀ غريب جو،
کهڙيون ٻڌايان ڏن پٽن جون غلاظتون.
ڪو پاڪ نہ ڪو صاف، آ ماڻهو ڪو معتبر،
ڪو نالو ڪٽي ڪنهن تي، وسايون پيا لعنتون.
جيوَن جي تپت اهڙي تکي، خون ٿيو پاڻي،
اڄ پيار جي وَٽ هيئان گذاريون ڪي ساعتون.
سڀ پُلجي وجون درد ۽ غم هِنَ جهان جو،
اڄ يار ملي گڏجي وَنون، ڪي نہ راحتون.
ٻولڻ سان ڪٿي ڪين ٿو ماڻهون ملي سگهي،
ڪنهن تي بہ وَسائي نہ سگهون تا ملامتون.
هِت پيار بہ پرواز ڪو پائي نٿو سگهي،
سُهڻن مان مِلن ڪين ٿيون، ”پياسي“ صداقتون.

ڪا لڪل آهي للڪ مونکي سنڌوءَ لاءِ ساه ۾،
ڪاش مان پايان شهادت، پيو وطن جي راه ۾.
پل تہ سوريءَ تي چڙهي سِرُ، آه سو اُن جو ڏنل،
هونءِ بہ ايندو موت جلندس پيو مسڻ جي باه ۾.
تو لڳي صدين ڪان سنڌ لئہ، ساه آ سڪندو رهيو،
مان جيئان ۽ پڻ مران تو، سنڌ ڏسڻ جي چاه ۾.
ڪيترو خود کي سنڀاليان، وس ۾ ناهي دل مُني،
درد روحاني ٻڌو سڀ، هن غزل جي دانهن ۾.
بس جڏهين ٻڌندو پڙهان تو، وطن جي ڪا بيوسي،
وطن وارن سان ملي، وڃندو رهان هر ڪاه ۾.
ڪاش پنهنجي وطن واسين جي محبت ۾ جيئان،
اولڙو اُلفت جو تن لئہ، دل جي آهي ٿاه ۾.
منهنجي روءِ روءِ ۾ وسي تو، اَبر الفت جو سدا ،
حب اَلوَطني سنڌوءَ لئہ، آ تہ مون داناه ۾.
شل مري ڪو جنم ايندڙ، سنڌ ڌرتيءَ تي وٺان،
سنڌ منهنجي ماءُ ”پياسي“ منهنجي آهي پساه ۾.
جي ٿيا شاعر سخن ور، يونءِ جي ڪنهن ڪنڊ ڪان،
نالو مُنهنجو صِف اول جي، هوندو شاعر شاه ۾.

ڪيترو ڪنهنجو ڪري اِنتظار، ٿڪجن ٿيون اَکيون،
راهه ۾ ڪيڏو اجايو، هاءِ پٿِڪَنِ ٿيون اَکيون!

هيءَ محبت پڻ سزا ڪان، ها ۾ گهٽِ آهي پلا،
مُحِب لئه هردم نِماڻيون، ڪيئن نہ گهٽجن ٿيون اَکيون.

دِلِ لڳائي دردُ پالڻ جي ضرورت چو رهي،
درد جي پيڙا ۾ هرگز، ڪينَ پٿجن ٿيون اَکيون.

سِڪَ بہ اَهِڙِي ساهه کي، ڪيڏو ستائي ٿي سڙي،
ڪنهنجي يادُنِ ۾ جلي، سي خودِ بہ ٿَهِڪن ٿيون اَکيون.

ڪيئن ڀُلائي خود ڇڏيون، اَفسانو پنهنجي پيار جو،
پيار ۾ پاڳل بڻي، سي ڪيئن نہ بهِڪَنِ ٿيون اَکيون.

حُسن جي فِطرت اِهائي، بيوَفائي بي رُخي،
پوءِ بہ تِنِ جي سار ۾، ساڻيون ٿي ڇهِڪن ٿيون اکيون.

گرم ڳوڙها خودِ وَهائِين، ٿيون اَکيون سَهندي سِتم،
حسن سان دِل کي لڳائڻ لاءِ ڦٿڪن ٿيون اَکيون.

ڪو بہ شاعر ڪيترو فن سان نِڀائي تو سگهي،
ڪيترو پنهنجي عقل جو، ڏن لڳائي تو سگهي.
اڄ اِهو مُردا پرستيءِ جو، نہ آهي يُگ رهيو،
هِتِ ظُلم کي ڪيترو ڪوئي دٻائي تو سگهي.
بسِ رڳو ڳائڻ وَڄائڻ جا شعر جوڙي لِکن،
ڪيترو هو اِنقلابين کي جڳائي تو سگهي.
ڪيترو ڪنهن ڪنهن لِکيو آ، اَدب جي اِخلاق تي،
سچ سان سو ڪيترو، خودِ کي لڳائي تو سگهي.
چوُطرف ساري جهان ۾، خون جون هوليون هلن،
ڇا امن جي کو اَمر جوتي جلائي تو سگهي.
ڀُکُن کان مرندا رهن ٿا، پڻ غريبن جا اَبوجهہ،
ڪير تِن کي ڀُکمريءَ کان ڪر بچائي تو سگهي.
راڄ ۾ رِشوَت هلي ٿي، سا کَلي بازار ۾،
ڪير قائدي قَلَم سان، تِن کي دٻائي تو سگهي.
ڇو نہ جِن کان جنگ ڪري، آدم گهٽائي ڪُجه ڇڏيون،
مستئا! ڪيڏا اَمن لئہ، کو وَڌائي تو سگهي.

ياد تنهنجي جيءَ سان جوڙي رکي جوڙي رکي،
پريت پارس روح ۾، کوڙي رکي کوڙي رکي.
ياد پڻ مونکي اچن ٿيون، پيار جون لاتيون مٺيون،
مون جهان سان رسم سڀ، ٽوڙي رکي ٽوڙي رکي.
توکي پنهنجو خود خدا، ڄاڻي جهڪيس تنهنجي اڳيان،
تو اڳيان خود دل پرين، موڙي رکي موڙي رکي.
تنهنجي الفت ۾ ڪڍيا مون، سُر سِتارن مان مٺا،
تند هردم پيار جي، ڇوري رکي ڇوري رکي.
تو سواءِ خود جو نہ ڪوئي، مان تو سمجهان آ وجود،
هيءَ حياتي تو مٿان، گهوري رکي گهوري رکي.
ايري غيري نٿوءَ خيري ڪان رهيس مان دور دور،
مون جهان جي پريت پڻ، توري رکي توري رکي.
هن جهان جون ڪي بہ رسمون ڪين دل کي آئڙيون،
هر رسم جي دل اسان، ڦوڙي رکي ڦوڙي رکي.
وطن کي قربان غيرن جي ڪري ڪرٽو پيو،
ٻيڙي پنهنجي خود اسان، ٻوڙي رکي ٻوڙي رکي.

ڪيرُ آهِن جي سنڌي ٻوليءَ لئہِ مرجي مِٽن،
هِتِ وِسارِيو آهہ سِنڌُ کي، سو بہ پنهنجي ئي پُٽن.
وَطن ڇا ويو ڇڻ اَسانجي، ختم ٿي تهذيب وَئي،
سِنڌ بنا اَڄُ ڪيڏي ٿي، محصوص ٿِئي هِنڌ ۾ گهُٽن.
هي جلاوَطنيءَ ڀري جيوَن، قبوُليسين مگر،
زخم ٿا رسندا رهن، مارِيو اَسان کي آ جلن.
سڀُ سِنڌي ڀُوميءَ بِنا، پِڻ ڀَٽڪندا رهندا اِئين،
بس بٽي بي گهر رهون، هت ڀاڳ ٿا پنهنجا رئن.
ڪيتري آهي جلن خوري، سنڌين لئہ هند ۾،
ڀل اسان محنت ڪئي آ، ڌن ڪمايو آ هتن.
سنڌ مان لوڏي ڪڍيائون، صرف مذهب جي ڪري،
عقل جا ماريل اُهيئي، ڪين سمجهيو هو ڄتن!
وقت کهڙو اَڄہ اُنهن لئہ، قهر پيو ڍائي اُتي،
ڪيترو اُت پيا مهاجر، زهر تِنِ جي لئہ رٽن.
هيءَ ڪراچي شهرُ پڻ، جاگير آهي اُنهن جي،
اُت ڀڄائن ٿا سنڌين کي، ڀل سندن آهي وطن!

کهڙي لطف جي لار تي، جيون کي جيئون ٿا،
هر وقت حياتيءَ جو هتي، وِش ئي پيئون ٿا.
سورن جو صرف صحرا آ، هت ٻڪندو رهڻ لئہ،
ڪيڏو ٿا لهو لهان ٿيون، سِتم سهون ٿا.
الفت جي بيابان ۾، ڀٽڪون ٿا هرڻ جيان،
سهڪو ٿو ونئي ڪيڏو، اتي ٻڪندي ٻهون ٿا.
ڪمزور حياتيءَ جي تنتي، ڏور پوي ٿي،
بس پنهنجي مقدر جو لکيو، ڏسندا رهون ٿا.
ڪيڏو نہ ڪشمڪش جو سفر آهي حياتي،
اگرچي مصيبت جي سدا، منهن ۾ پئون ٿا.
يوگيون ٿا سزائون ڪي بڻي بيل جيئڻ جي،
مالڪ جي اڳيان نرڙ سدا، پنهنجو گهون ٿا.
ڪوڙي خودا جي در تي وڃي سر ٿا جُهڪايون،
ڀٽڪون ٿا لفظ ڀڳت بڻي، سچ کان ٿهون ٿا.

اَڪيلي زندگانيءَ جو سفر ڪٽجي ته ڪيئن ڪٽجي؟
بنا ساٿيءَ جي جيوَنَ جو، مزو ونجي ته ڪيئن ونجي؟
ڪئي پل بيوفائي آ، اسان جيِ هُئي جا محبوبا،
محبت ۾ به پنهنجي پيار ڪي، مَٽجي ته ڪيئن مَٽجي؟
ڪريون ڪهڙي شڪايت ڀاڳ جي، ڳر ڀاڳ ٿيو هيٺو،
سدائين عقلَ پنهنجي ڪي، پيو ڦٽجي ته ڪيئن ڦٽجي؟
دلين ۾ جي پيون ڏارون، اگرچي بدگمانيءَ ڪان،
اها دوري دلين جي چئُ، ڀلا گهٽجي ته ڪيئن گهٽجي؟
ملن جنهن سان نگهاون ٿيون، نظر سان گهر ڪري دل ۾،
انهيءَ جي پريت پارس ڪي، پيو لٽجي ته ڪيئن لٽجي؟
نه پنهنجي وس رهي ڪجھ ڀي، ڇڏيون مقدر جي معاون تي،
هليو ويو دور جي ڪينهو، اُهو جهٽجي ته ڪيئن جهٽجي؟
نه ڏوپن داغ جي دل تان، نه ماتم ڀؤ ڪجي ڪهڙو؟
اجايو روح پنهنجي ڪي، پيو سٽجي ته ڪيئن سٽجي؟
سنڌوءَ جي ياد ڪي دل مان، مٽايون پر مٽايون ڪيئن؟
ورھ جي ويدنا ويڙهي، اُها هٽجي ته ڪيئن هٽجي؟
اَچو ڪجھ ڏيون جهان ڪي گيت، ۽ ڪي غزل جي گرجن،
رڳو طوطي جي ٻوليءَ ڪي، پيو رٽجي ته ڪيئن رٽجي؟
برابر ويو وطن پنهنجو، ملي آ بيوسي بيحد،
رڳو جاني ڀلا پنهنجي، پئي پٽجي ته ڪيئن پٽجي؟

خطا تي جو قضا سر تي، ائين ئي آ اچي ويئي،
اسان جي پيار جي نگري، اچانڪ آ ڦٽي ويئي.
ڪرڻ جي پيار آ سؤڪو، نِيائڻ ڪجهہ ڪٺِن آهي،
زماني جي نِگاهن ڪان، محبت آ بچي ويئي.
مان گستاخي ڪري وينُس، لڙايم پيچ اُلفت جو،
اگرچي درد جي بستي، اِئين ئي آ سجي ويئي.
خدارا معاف ڪر مونکي، مون سجدي ۾ رکيو آ سِر،
عبادت ڪين مان چاڻان، عبادت آ پجي ويئي.
هي نازڪ نيهن آ اَهڙو، اَکيُن جو مرم چاهي ٿو،
ڪريان اِظهار مان ڪهڙو، اوهان سان دل لڳي وئي.
جدائيءَ جو ڪڏهن جاني، نہ ڏنيو ڏجانءِ 'پياسي' کي،
اَسان کان بيوَفائيِ گر، ڪري پَرَ پڻ لِڪي ويئي.
مرم رکنداسين اُلفت جو، نڇاور سڀ ڪندس اُن تان،
ائين ئي هن زماني تان، اَسان جي دل ڪجي ويئي.

ٽُٽي دل جا ٽيا ٽُڪرا، هِتي ڪو هُٽ ڪريو آهي،
اسان جي عشق کي ناحق، حسينن هٿ ڦريو آهي.
ضبط دل تي ڪيم هردم، مگر دل آهي ڪجهه پاڳل،
آ پاڳل پيار ٽيو منهنجو، اچي ناحق ڪريو آهي.
حسن آ چيز ڪجهه اهڙي، ڏسڻ سان هوش ٿو گم ٿئي،
لڳي دامن به ٿو دل جو، آ ڪالي ڪجهه پريو آهي.
ازل کان پياس آ اهڙي، اسان جي روح جي رُچ ۾.
اجان پتڪون ٿا صحرا ۾، هرڻ پياسو مريو آهي،
خدا ڄاڻي ڪڏهين ٿيندي، اسان لئه باک الفت جي.
اسان جي رات رودن کان، ٿيو پڻ ڏينهن چريو آهي،
حسن وارن جي دل گهري، به ساگر کان لڳي اونهي.
نه ملندو ٿاهه آ ان جو، مغز سوچي ڦريو آهي،
دعائون نت اسان جي روح مان نڪرن ٿيون سهڻن لئه.
لڳي ٿو روح ”پياسي“ جو، غزل لکندي جهريو آهي،
مون ساريو ساهه ۾ جن کي، نه پل پر پڻ وساريو آ.
لڳي وئي چٽنگ چوليءَ ۾، ڏيئو غم جو ٻريو آهي،
گهرن ٿا هٿ حسينن کان، وفا جي بيک جهوليءَ ۾،
رهي جهولي سدا ڪالي، محل دل جو پُريو آهي.

تمام عمر پِرين، تنهنجو اِنتظار ڪيُم،
اَچِي تون پُڇ بہ يلي، جانِ پڻِ نِثار ڪيم.
رهِيُسِ اَثر ۾ اوهانجي، جليُسِ پئي اُلفت ۾،
خبر آ خود بہ جَلِي، خود کي داغدار ڪيُم.
جلائي دِل جون ڪليون، خود جو چمن پاڻ مگر،
مِلائي خود سان اَکيون، خود کي شرم سار ڪيم.
اَسان آ گهوري سدا، پونجي پڻ وفائن جي،
جلائي خود کي شمع تي، پتنگ تي پيار ڪيم.
اَسان ئي دور زماني ۾، سهون ٿا هرکو حرف،
اَوهان کي خود لئہ سچڻ، ڪين مئہ ميار ڪيم.
اِوهان جي عشق مان، بخشيش بي وفائي ملي،
ملي نہ مُرڪ ملي، خود کي غم خوار ڪيم.
وئي جواني سَڙي، هاءِ اوهان جي حسرت ۾،
سدائين درد ۾ لڇندي، نہ ڪو سينگار ڪيم.

خوش خود کي رکڻ جي ڪا ڪلا پڻ سکي اچون،
کي ٻول محبت جا، ڪنن ۾ وجهي اچون.
ڪو رنج علم روح ۾، آهي پريو رهيو،
تنهن جو به ڪٿي ٽوڙي اگر بند پيچي اچون.
ڪا خلش ستائي ٿي اجان، عشق جي اچي،
ڪنهن دلربا سان پيار ڪري، پڻ ملي اچون.
دل جا ٿا ڪلي دئار ڪيئي پيار ۾ پون،
پلڪن ۾ پري پيار محبت ڏئي اَچون.
ڪمزور حياتيءَ جو سفر، ڪين آ آسان،
مشڪل سان لڙڻ جي به ڪا طاقت لهي اَچون.
ڪنهن ڪنهن کي ستائي ٿو، درد دل ۾ يار جو،
محبوب ملي اهڙو ڪو، نخسو سُٺي اچون.
نيڻن مان ڪريو آب، شفا آهي ڪو ڪترو،
گوهر ڪي گهڙي اهڙي ٻٽي ڪا سِپي اچون.
ڳائي ڪي راڳڻيون به رکون روح کي راضي،
ڪي شيام جي شعرن جا غزل پڻ ٻڌي اچون.

هر ماڻهو اَمن نہ چاهي ٿو، هر ماڻهو آ جنگہ خور هِتي،
ڪو آهي پير نہ پيغمبر، هر ماڻهو آهي چور هِتي.
هرڪُوڙ جو وکر وِڪامي ٿو، سچ سوُدو نہ ڪنهنکي سيبائي،
سچ جو نہ هلي واپار مگر، هر چور مٽان آ مور هِتي.
جو عقل جو اَنڌو هوندو آ، سو محنت جو مُلهہ کيئن ڪٿي،
هر وَقت وَهي ٿو ڏاند بڻيِ، سو گهاڻي ۾ آ ڍور هِتي.
هر ماڻهو زهر اوڳاڙي ٿو، هر ڪنهن جي نسُن ۾ زهر ڀريل،
ڪو نانگ بڻيِ ٿو ڏنگ هڻي، ڪو سمجهو آهي نور هِتي.
ڪو وَقت وَرائي ڏسندو آ، ڪو نوُسِيندو آ ماضيِءَ کي،
ڪو عيش ڪري ٿو دُنيا جا، ڪِن روٽيِءَ جو آ پور هِتي.
هيِ مند ساوڻ جيِ مست فضا، ٿا ڪڪر بہ ڪارا مست لڳن،
ٿي ڪِنوڻ کجي بادل گرجن، ٿو ميِنهُن پوي گهنگهور هِتي.
ٿو موُت وِڪامي مفلِس لئِہ، پر جيِوَن جنگہ نہ هاري ٿيِ،
هيِ دُنيا کين اَمن جي لئِہ، جو جنگہ ڪري سو زور هِتي.

سيراب ڪري درد وچِي ڀِھتو جِگر ۾،
ڪوئي وِلوڙ وَھندو رھي، منھنجي فِڪر ۾.
آ قتل ڪيو عشق جو، ڪنھن تيز نظر سان،
غوراب محبت جو ٻُڏو، غم جي بھر ۾.
مان چِتر ڪڍي تنھنجو خيالن ۾ جِيان پيو،
پيو پيار وَندِيان اُن سان، سدا پنھنجي اَندر ۾.
ڇا توکي خبر آھي پِرين منھنجي وَفا جي،
ماتم ٿو ڪريان محب سدا، تنھنجي ھجر ۾.
يارن جي بزم ۾ سدا، تنھنجو ذِڪر آ،
ان دم ٿو مِٺا يار رھان، غم جي اَثر ۾.
ٿو عرض ڪريان محب تون ھِڪ وار ھلي آ،
سنگ تنھنجو سدا چاھِيان، حياتيءَ جي سفر ۾.
ھر وَقت خيالن ۾ آرزو آ اوھانجي،
ڏِس نيِنھن سدا روئندو رھي، راتِ سحر ۾.
ڪوئل جي مِٺي ڪوڪ ۾ اِظھار اوھانجو،
مان ٻول مِٺا تنھنجا ٻُڌان، دِل جي ڏگر ۾.

عشق پنهنجو ويو ختم ٿي، داستان رهجي ويو،
درد ڪو دل ۾ اسانجي، نوجوان رهجي ويو.
ڪيترو دلڪش وقت هو، مست جوڀن هو مِٺو،
هان ! سفر ساٿي هليا ويا، ڪاروان رهجي ويو.
اَڄ به تِن جي ياد جو، ڏِيپڪ جلي ٿو دل اندر،
دل ۾ آهي دلرُبا سو، مهربان رهجي ويو.
ڪيترو روشن اَسان لئه، پڻ ٿِڙيو پئي آفتاب،
هاڻِ بس ڪارو ڪلوُٽو، آسمان رهجي ويو.
ڪجهه مزو ناهي جيئڻ جو، بار ٿي آهي حيات،
ڇڻ مُئل سارو اَسان لئه، هيِ جهان رهجي ويو.
اڄُ به تصور ۾ رهي ٿو، روپُ اُنجو سانورو،
دل جي ماڙيءَ ۾ اُنهيءَ جو، ڪو مڪان رهجي ويو.
سار ۾ اُنجي وڃي ٿي، زندگي گذري اِئين،
شڪر آ 'پياسي' لئه ڪوئي، رازدان رهجي ويو،
مُدتون گذريون اَجان پڻ، ڪين ٿو وسري پرين.
دل جي صحرا ۾ اُنهيءَ جو، ڪو نشان رهجي ويو.

ڪڏهن مِلڻ جا ڏينهن بہ اِيندا، موليٰ مُحِب مِلائِيندو،
دل جي صحرا تي ڪو بادل، نچندو مينهن وسائيندو.
ڪيڏو دلبر دور رهين پيو، اِينديون موتي اوس مِٺا،
آگ عشق جي آهي نرالي، عشق بہ ڪو رنگ لائيندو.
دل مان دل کي ٿاهه ملي ٿو، سرهو جڻ ساوڻ جو مينهن،
ان منڊ ۾ پڻ محب منو ڪو، پيار ۾ پاڪي پائيندو.
درد جو دونهون جنهن دل ۾، آڻيندو طوفان اُهو،
ان آنڌي طوفان ۾ عاشق، دل جو ديپ جلائيندو.
سدا خِزان ڪا رهڻي ناهي، اَچڻي موسم آهه بهار،
آشائن جي باغ ۾ سرها، ڳاڙها ڦول ڪِلائِيندو.
ڪوئي پيچل پيهر بہ ايندو، ڳائيندو جو گيت هزار،
سُر سان مِنڙيون ماکيءَ جهڙيون، وايون پڻ ورجائيندو.
عشق سمهڻ جي ڪڏهين نہ سوچي سگهندو آهه خوابن ۾،
’پياسي‘ خود جي سوز سنل کي، چيڙي جڳُ جهومائيندو.

کنهن جو حسين روپ، اکين سان ڇمي ڏسون،
ڄڻ آسماني حور، ڏسيو پيا ڏسي ڏسون.
کنهن کنهن جي ادا کيترو دل کي لڀائي ٿي،
خوابن ۾ ڏٺل ڪائي پري، ڇل لهي ڏسون.
دل ۾ وسائي پيار جي، ديوي ٿا پوڄيون،
تنهنجي ثنا ۾ گيت غزل کو چئي ڏسون.
ڪافر ٿي جيئڻ جي بہ سزا، خوب سٺيسين،
ڪوئي خدا جو نالو، جگر سان جپي ڏسون.
آڻيون ڪو اِنقلاب، لڪي سِتم حقيقي،
ڪي گيت غريبن جي حقن جا لکي ڏسون.
مظلوم رهن گهندا، حياتيءَ جي سفر ۾،
ڪي پل ئي خوشين جا بہ اُنهن لئہ لڀي ڏسون.
هر ڪنهن جو خدا خير ڪري، مِنٿ سڀ ڳهرون،
قادر کان دعائون بہ خلق لئہ گهري ڏسون.
ڇيري بہ ڇڏيون ظلم جي ساري وجود کي،
هر ڏاڍ سِتم ساڻ اَچو، سڀ وڙهي ڏسون.

وهڪ ويچارجي ڪيڏي، تِڪي تازي تواني آ،
نئي ويچار جي رَتَ ۾، ڏسو آئي رواني آ.
اڇو ماضيءَ جي مردن ڪي، قبر ۾ پاڻ دفنايون.
وقت هن سانّ هلون گڏجي، ڏسو تنهن ۾ جواني آ،
اچو سوچيون اڄوڪي آدميءَ جي سڀ اعمالن تي.
اڄوڪي آدميءَ ۾ جانور جي ڪارستاني آ،
حيا عورت جو ڳهڻو هو پڙهيو هو ڪٿ ڪتابن ۾.
اڄوڪي نار جي ڪوري ۽ ڪوڙي هر زباني آ،
ظلم اڄ جي حوالي ۾، لڏي ٿو لال پينگهي ۾.
انهيءَ جو ڏينهن عيدن جيان، ۽ راتيون رُتِ سهاني آ،
گرم بازار رشوت جي، منسٽر چور چونڪن جا.
سياست اڄ لڳي سوئرن، حرامين جي ڪا ناني آ،
سبق ڪوئي محبت جو، سکون ٻئي کي بہ سيکاريون.
اسان جي روح لئہ 'پياسي' محبت پاسباني آ،
ڏسان ٿو اکين سان جيڪي، ٿين ٿا سي غزل منهنجا.
غلط ڪا شعر ۾ پنهنجي، نہ ٿيندي ڪا بياني آ،
سچائي روح ۾ منهنجي، سچو سچ هر غزل منهنجو،
اسان جو هر سخن باغي، نہ تنهن ۾ راز داني آ.

دلڪش آ ڪيڏو، توتي مٺي حسن اَچي ويو،
پياسيءَ لئِه پيار جو آ پرين، ميلو مچي ويو.
سرمائي لڳي ڪيڏي ٿي، موسم جي رنگيني،
گلشن ڪوئي عشق جو، مستيءَ ۾ سڄي ويو.
ڪيڏو نه نشو نينهن جو، اکين ۾ سمايو،
جڻ ڪام جو آ تير، جگر دل ۾ کُپي ويو.
هر وقت خيالن جا هندورا ئي لڏن ٿا،
ڪو اُڏڻ کٽولو ئي هوائن ۾ اُڏي ويو.
تصور ۾ حسين تنهنجي مٺي مهڪ اَچي ٿي،
بادل ڪوئي سُرهاڻ جو، ناسن ۾ گهسي ويو.
هيرون ۾ هوائون به ڏين، تنهنجا نياپا،
ڪو ڪانگ اچي تنهنجا مٺا ٻول لنوين ويو.
ڪيڏو ٿو دل جو صحرا، سبز باغ جيان لڳي،
مستيءَ ۾ اچي ڪوئي بدل، تنهن تي وَسي ويو.
هي پيار ”پياسي“ جو سدا، شاد تون رکجانءِ،
ڪو پتنگ شمع کي به اچي ڪن ۾ چئي ويو.

غزل ڪو اهڙو لِکون جو چنڊ جيان جرڪي پيو،
جو پڙهي دلدار سِنڌي، پل تہ سو مُرڪي پيو.
مفلسن جي هر مصيبت جو هجي اُنھ ذڪر،
اِنقلابي ڪوئي اِنسان، پل پڙهي پڙڪي پيو.
حق-پرستيءَ جو هجي، اُنھ سچوئي داستان،
ڄڻ تہ بادل ڪوئي بارش، گوڙ سان برسي پيو.
سڀ ملي مزدور دنيا ۾، بغاغي ٿي گهمن،
جگر هر مظلوم جو پڻ، شير جيان گرجي پيو.
پونجيوادين جو هراسان، ٿي وڃي ماحول پڻ،
مارڪس جو سپنو ٻيهر، مغز ۾ ترجي پيو.
رهنما هر هڪ مُلڪ جو، پڻ هجي مزدور سو،
شاعري لِکندڙ هجي، بس شعر ۾ لرزي پيو.
سڀ ٿِين ساڪار سپنا، اَمن جا هر مُلڪ ۾،
ڀائيچاري سان جگر پڻ، سمنڊ جيان پرجي پيو.
زندگي ماڻي بهارون، اَمن سان سِينگار جي؛
بسْ خدا جي خلق کي، هِڪ پيارئي گهرجي پيو.

لڳي تو اُڄ آ اَزليِ، گهڙا دِلِ جا نٿا پرجن،
رُنا جي روح جا راڻا، اَڃا تائِين نٿا پرچن.
اَسانجي عشق جا ٻيڙا، ٻنور ۾ جڻ تہ اَٽِڪيِ پيا،
الاهي کهڙي ڪارڻ وسِ، ساگر مان نٿا تَرِجن.
مِليوسين پيار پڻ ڪنهنجو، اَکين جي گر ڪنورِين ماں،
عِشق وارا اَڃا تائِين، اِئين ئي پڻ نٿا ڪرجن.
زماني جون سهيِ گهورون، پيا دِل ۾ زخم ڪيڏا،
زخم ناسوُر ٿا بيحد، چُنڻ جي لئہِ نٿا سُرجن.
لڳيِ ويو روڳہ موسم ڪي، لڳيِ وَئيِ آهہ سانوَڻ ڪي،
هيِ بادل پڻ وَسڻ وارا، اَلائي ڇو نٿا برسن.
نِپايون نيِنهن جو ناتو، سدائِين پيار وارن سان،
اَسانکي باوَفا دِلبر، ڪپَنِ ٻيا ڪي نٿا گهُرِجن.
اَڃان تائِين ڏِسان راهون، پنهنجي رُٺل راڻي جون،
ڏِسيِ ٻئي حسن واري ڪي، سُتل جذبا نٿا ڇڙجن.

محبوب محبت جو حرف ڪو نہ لِکي ڏِس،
هي پيار جو اَمرت آ ذرا، تون بہ چکي ڏِس.
ڪيڏو نہ اُتي عشق تو، اُمڙي بہ اَکين جو،
هيءَ راهہ ڪندڻ جي آ ذرا، تون بہ هلي ڏِس.
ڪهڙو حياتِ جو ڪو پروسو ڪريون پرِين،
او دِل نشين وارا، اَسان ساڻ ڪِلي ڏِس.
ڪيڏا نہ لِکيا توڏي خطن ۾ مون ڏوراپا،
ڪنهن خط جي ڏئي موٽ، وَٺي ڪائي خوشي ڏِس.
راهون مون ڏِٺيون تنهنجون، اُڏايان پيئي ڪياتا،
اَڄ قرب پياسي، سان ڪري، حال وَندي ڏِس.
دردن جون ڪڙيون روح جي محفِل ۾ وَڄن تيون،
ڪوئي ڪِتاب شيام جي غزلن جو پڙهي ڏِس.
تصور ۾ سدا روپ تو، ڏِلبر جو رهي تو،
اَڄ منهنجي اَکين جي ئي، چپرن ۾ تون لِکي ڏِس.

تو ساڻ دِل لڳي ڪري، اربع خطا ڪيم،
ناحق اوهانجي حسن تي، خودِ کي فِدا ڪيم.
دِيدار جي نظر سان، چاهيم اوهان کان اُلفت،
حاصل نہ ڪُجھ ڪيوسِين، خودِ کي خفا ڪيم.
چاهيان مِلڻ اوهان سان، حسرت لڳي آ دل ۾،
دل ۾ اوهان سان دلبر، هر دم وفا ڪَيَم.
اَڪِ مرم جيِ آ ماريل، اَڪين کي ڏوهہ ڪھِڙو،
آسون مِلڻ جون پالي، حاصل بہ ڇا ڪيم.
هر روز مان جِيئان ٿو، راهون اوهانجون ڏِسندي،
واعدو نہ ڪو وَفا جو، حاصِل گِلا ڪيم.
آهي اَزل کان اَهِڙي، فِطرت ٿيِ اوهانجي،
هاري مان هِرڪہ توتي، خودِ سان خطا ڪيم.
تصور ۾ روپ تنهنجو، ڏينهن راتِ تنهنجا سپنا،
اَفسوس وَقت پنهنجو، ”پياسي“، زيان ڪيم.

دنيا جي واءُ سهاءُ ڪي، توري تڪي ڏِسون،
اَمِرت يا زهر آهي، اَڇو سو چکي ڏِسون.
ماڻهوءَ جي ماڻهپي آ ڪِتي، حد وَڃي ڪٿي،
سرحد سندنِ جي سوچ جي، ڪائي ليي ڏِسون.
ڪِٿ ڪِٿِ ظلم جي باهہ، وَسي ٿي جهان ۾،
اَڄ پاڻ سندسِ قهر جي سُڌِ ٻُڌِ لهي ڏِسون.
کهڙي خطي ۾ ٻُڌُنِ ڪان، کهلوُر پيا ٿِين،
سِياست جو رنپ راڙو، جهان جو ٻُڌي ڏِسون.
ائٽم جي آگہ ڪيتِرو، وِسائِڻ بہ چاهي پيو،
بڪ بڪ اَمن جي آڙ ۾، تن جي سُٺي ڏِسون.
ڪيڏو ڏڪائي ڏيهہ کي، پِڻ سرمائيدار تو،
غربت جي گرم سرد، بہ روئي رُکي ڏِسون.
روڳن جي پوکہ ڪيئن نہ ڪري، وِگيان آ رهيو،
سائينس جي دئت ساڻ اَڇو، سڀ وڙهي ڏِسون.

نہ تارون چيڙ کي دِل جون، اسانجو جيءُ جهُرِيل آهي،
زماني جو سِتم سهندي، درد کان دِل پريل آهي.
سڄي ساري حياتيءِ هيءَ، اَگرچي ڦٽِڪندي گذري،
خوشيءَ جهڙيءِ خلِش کان روح جيءِ، راحت ڦِريل آهي.
جوانيءِ اِنقلابين جيان جِئي پڻ مون ڏِنيءِ هِند ۾،
سماجيءِ سوچ جي رسمن کان، هر رڳ رڳ سڙيل آهي.
ڪري بهتر پلائي مون، بُرائيءَ کي گلي لاتو،
اَسانجي سوچ جيءِ صورت، سچائيءَ ڏي وَريل آهي.
لڳن ڦا خون جا رِشتا، بہ پاڳل ڪنهن ڪُتي وانگُر،
ڏِسيءِ تن جي ضلالت کي، رُني دِل پڻ ڏريل آهي.
محبت گر ڪئيسِين هِتِ، نِگاهن ۾ پري جادوُ،
نفس جي اِن حرارت کان، اَسانجيءِ دِل ڪريل آهي.
وطن لئہ ساهہُ آ سِڪندو، ڏِسڻ چاهي سدائين دِل،
سِنڌوءَ لئِہ پيار جو جذبو، اَکين ۾ ڏِس تريل آهي.
سياست هي ڏِسيءِ ڪوڙهي، ۽ روڳين جا ٻُڏيءِ رِينگٽ،
اسانجي روح ۾ سارو، اِنهيءَ لئِہ وِش پريل آهي.
وقت ڪيڏو زلالت جو، نچائي ناچ پيو گاندو،
اَسان ۾ وقت لئِہ نفرت، سڄو يميٽ ڀريل آهي.
جيئَڻ جيءِ چاهہ اَڄ "پياسي"، ڳٽي تيءِ موٗت جون هِڇڪيون،
اَسانجو لوڀ لالچ تان، بہ آهو سڀ پليل آهي.

ڪا چوٽ عِشق جيِ بہ اَجان آ لڳيِ ڪِٿي،
ڪنهن حسن پريءَ اَکہ بہ اَجا آ ڀڳيِ ڪِٿي.
پنهنجو نہ اَجا درد سان آ واسطو پِيو،
ڪنهن منهنجي ڀلا دِل بہ اَجا آ ٺڳيِ ڪٿي.
نيڻن مان ڀري مڌ جيِ وَٽي ڪنهن نہ پِياريِ،
ڪنهن ساڻ اجان اهڙيِ ڪئي مئہ ڪشيِ ڪِٿي.
آهي تلاش اَڄ بہ اَسانکي پيار جي،
پر لاٽ اهڙيِ حسن ۾ آهي جڳيِ ڪِٿي.
کهڙي بہ بزم ۾ پيو وَٺان داد غزل جو،
تخليق اهِڙي مون بہ اجان آ لِکيِ ڪِٿي.
ڪو شعر پڙهيِ حسن جي پيو هاڪ ڪريان مان،
اهڙيِ تہ اجان ڪا بہ حسِينا ڏِٺيِ ڪِٿي.
ڪو غزل پڙهي شيام جو مسرُور ٿِيان ٿو،
ٻئي ڪنهن جي شعر مان بہ مِليِ چاشنيِ ڪِٿي.
سُهڻو شفاف چهِرو هُجي چنڊ جي مِثل،
اهِڙيِ نہ ڪا وينگس آ مِليِ چاندِني ڪِٿي.

ڏِسي بيهودگيونِ جڳہ جون، لِکان ويٺو لِکان ويٺو،
ڪٽي وِش ساريِ دنيا جو، چکان ويٺو چکان ويٺو.
سِتم جو زور آ اهڙو، ٻُڌڻ سان هِنياءَ تو ڦاٽي،
رهي مجبُور ۽ بيوسِ، ڏُکان ويٺو ڏُکان ويٺو.
مِنسٽر چور ۽ اُچڪا، پيئَن ٿا رتُ غريبن جو،
ڏِسي ڪرتوُت سڀ تِن جا، چٽيان ويٺو چٽِيان ويٺو.
نہ ڪوئيِ حال محرم آ، نہ همدم ڪوئيِ آ ساٿيِ،
رهيِ رنجور ۽ ڏِکٽو ڏِسان ويٺو ڏِسان ويٺو.
وَٺن رِشوت ڪِروڙن ۾، تڏهن بہ معتبر سڏجن،
ڏِسيِ ڪاريگريِ تن جي، کِلان ويٺو کِلان ويٺو.
اَچي ٿيِ يادِ سِنڌڙيِءَ جيِ، ٿِمن ٿا نيڻ پيِڙا ڪان،
درد جي چوهہ ۾ ڦٿِڪي، لُڇان ويٺو لُڇان ويٺو.
رکيِ ٿم ڪوُڙ کان دوري، سچائيِءَ سان وَفاداري،
سچائيِءَ جو سبق گرچي، پڙهان ويٺو پڙهان ويٺو.
مِليو چاهي سچائيِءَ مان، صِرف فاڪاڪشيِ غُربت،
”پياسي“، زهِر جا آنسون، پيئان ويٺو پيئان ويٺو.

باھِہ کان گھٽ ڪِين آھي، لِھس پِڻ ڪا پيار جي،
بيوفائيِ روح ساڙي تيِ چڙي جڻ يار جيِ.
ڪيترا گلزار دِل ۾، پِڻ نِڙن تا عشق جا،
پِڻ وفا جيِ بونءِ سرھي، تيِ وڻي گلزار جيِ.
چاچا رِشتا چاچا ناتا، سڀ جا سڀ وِسريو وڃن،
سُڌ نہ ڪائيِ پِڻ رھي تيِ، ھِن سڄي سنسار جي.
راتِ ڏينھن ڏِس خواب ھِڪِڙو، اَکين ۾ وسندو رھي،
بس ڏِسان صورت ڏِسان، صرف پيو دِلدار جيِ.
مِلڻ کان پوءِ قوُل دِل ۾، ڪيترا ڪَرَ تا ڪٽن،
ڪُجھ ضرورت ڪِين رھندي، آھي ڪا گھر ٻار جيِ.
مست بيپرواھہ ھردم، ڪيترو دِل تيِ رھي،
ڪا گِلا شِڪوا نہ رھنديِ، جڳت جي آزار جيِ.
موھہ وَسِ ماڻھو رھي تو، پيار جي سرحد اَندر،
دِل لڳي لائي گلي سان، تو تُھمي غمخوار جيِ.

زندگي ۾ مون کئي آ، اِنتظاري اِنتظاري،
تو ڏِني مونکي سدائين بيقراري بيقراري.
آ مِلي ورثي ۾ مونکي هيءَ وِراست عشق جي،
کيئن ٻُڌايان ڇو مِلي آ، آهہ زاري آهہ زاري.
درد کي کنهن حد اَندر، آهي سهڻ جو حوصلو،
مون صِرف توکان گهُري هُئي قربداري قربداري.
ڏي اَچي کو دِل کي آٿت، ڏي خوشيءَ جي بيکہ کا،
آ اوهان کان گهُرِج مونکي، غمگساري غم گُساري.
بي وفائيءَ جو نہ هرگز مون ڇيو کنهن لِئہ سُخن،
راهہ مون چاهي هلڻ پئي، پيار واري پيار واري.
بيوَفا! تُنهنجيءَ جفا جا، مون ٻُڌا کيئي قصا،
ڳالهہ پئي جا خاص کن ۾، درد واري درد واري.
ٻنکندي گذري حياتي، ڇا اِهو چاهين ٿي تون،
ڇا نصيبن ۾ آ صحرا، صرف واري صِرف واري؟

خاموش رهيِ ڪجھ نہ چئي، جڳہ جو سفر ڪرِ،
مهمان سمجهيِ خود کي پيو، خود جو گذر ڪر.
هيءَ جوڙ آ قدِرت جيِ، صرف ڏِسندو رهڻ لئِہ،
وِدوان وياڪل توڪان وڏا، تِن ڏي نظر ڪر.
چا لئِہ چِڪين خود جي رڳن کي پيو اجايو،
خوش خود کي رکڻ جو بہ سدائين پيو فِڪِر ڪر.
پل پيار محبت ۾ اَگر درد ڪجھ مِلي،
دردن کي سهڻ جو نہ ڪڏهن ڪنهن سان ذِڪر ڪر.
ڪنهن مان بہ وَفا جيِ آ رکڻ آس اَجائي،
هرڪو آ بيوَفا پيو فولاد جگِر ڪر.
جِئن وقت رکي راضيِ سدا رهِج اُنهيءَ سان
مالِڪ جي پروسي ۾ رهي صِرف صبر ڪر
سوچي اَجايو چا لئِہ پيو، خود کي ستائين
چئُہ پنهنجي خدا کي او خدا، مون تي مهر ڪر

مان يادِ ڪريان توکي، سدائين تو جانيمن،
ڏِس عشق جي آتِش ۾، آ وڳهري پيو بدن.
او اَڄ حسين اَڄُ تون، ٻه ٽي پير ڪي پري،
مُنهنجي سَري ٻه ڪونہ ٿيِ، تڙڦي سدائين من.
پورِيان اَکيون تہ خواب اَچن، تنهنجي روپ جا،
شايد خوشيءَ ۾ ناچ وِجهي اَنگہ پيا لڇن.
ڏِس منهنجو عشق ٿئي نہ قتل، تنهنجي چاهہ ۾،
جيڪو سجايو مون آ پرين، خوش نمان چمن.
ماضيءَ جون ڪيئي چِٽنگون، اُٿيون منهنجي روح ۾،
تو يادِ اچي اَڄ ٻہ سِنڌو، پنهنجو هو وطن.
هر شعر لِکي پورو ڪريان، ڪوئي تو غزل،
نازڪ لڳي تو گلن مِثل، شاعريءَ جو فن.
اڄ ٻہ لڳي تو اجنبي آهيون جهان ۾،
محسوس ڪريان خود کي، دِل ۾ جلاوَطن.
مان روح سان چاهِيان تو، خدا جنگہ نہ گهرجي،
چاهِيان تو سدا پياسي هجي پيار، پيو امن.

ڪرِ قرب ڪا قربدارن سان مِلڻ جي ڳالھ ڪرِ،
رنج ڇو ايڏو ڪرين پئي، ڪا کِلڻ جي ڳالھ ڪر.
پيار ۾ رسبو بہ آهي ها رسو پر ريتِ سان،
عشق جي رازن جي ٻولي، ڪا سلڻ جي ڳالھ ڪر.
غم جُدائيءَ جو نہ ڪيڏو، تو ستائي سوچ کي،
درد ۾ نا دِل جلئي سان، دِل جلڻ جي ڳالھ ڪرِ.
ڪيترو سرها ٿيون ٿا، گر مِلون ڪنهن وقت پڻ،
ڪرِ نہ ڪوُڙيِ ڪا بہ وائي، سچ سِکڻ جي ڳالھ ڪر.
ٻول ڪي ٻهڳڻ ٻُڌڻ لئہ، تو اَچان تو درِ پرين،
روح ۾ راحت ڪا پرجي، ڪر اَچڻ جي ڳالھ ڪر.
آزمائي ڏِس اَسان کي، ڪيئَن نہ آهِيون باوَفا،
پيار ۾ ڪاتيءَ جي اَڳيان، ٻِل ڪُسڻ جي ڳالھ ڪرِ.
ڇا ڳِلا شِڪوا ڪرڻ لئہ، تو ۶ مون قربت ڪئي،
مون سان دوُريءَ جي نہ دِلبر، ڪا رکڻ جي ڳالھ ڪر.

پيٽ جي بکَ جِسم جي بک ۾ ٿو پِٽکي آدمي،
جِيَ کڏيِ هردم ڪُتي وانگر ٿو، سهڪي آدمي.

لوڀ جو لومڙ سندس، هردم ٻڪي ٿو روح ۾،
ڪجهه اَجايو ڪجهه سَجايو، چِڻ ٿو ٻهِڪي آدمي.

دوستن ۾ پيو سدا، ڏاڙون لباڙون پِڻ هٽي،
سرخروُ خود کي ڪري، هر هنڌ ٿو ٽهڪي آدِمي.

مُڇُن کي پالِش ڪري، ڪارا ڪري گيسوُ سدا،
مور سمجهيِ خود کي هردم، اُت ٿو مهڪي آدِمي.

مذهب جيِ ڪوئيِ خلافت، گر سندس جي ڪو ڪري،
خون جي وَحشت کان خود ئي، خود ٿو ٽهڪي آدِميِ.

ڳالهه ڪوئيِ واڪ ڪنهنجو، گر سچو ڪنهن هنڌِ ٿِئي؛
پوءِ ڏِسو سو ڪم عقل، ڪيڏو ٿو ٻهِڪي آدمي.

مُفت جي مجِلس ڪِٿي، ڏِسندو ته ويندو خود ڪهيِ،
ڪيِئَن نه سَٽيي مال تي، هردم ٿو لڙڪي آدِمي.

مندر جي مورِت اَڳيان، ٿو ڪنڌ نِمائي نياز سان،
ٿو ڪري هر پاپُ دِل سان، صبح تڙڪي آدمي.

هٿ لڳڻ سان يار تنهنجي شاڪ ٻِجليءَ جا لڳن،
ڄڻ جوانيءَ جا ڪي جذبا، روح ۾ جاڳيو پون.
ڇا ته تنهنجي حسن جي، جادوگري آ دِلفريب،
ڄڻ ته ڪيئي مئڪدي جا، جام ٿا ڇُلڪيو ڇُلن.
تو لڳي هيءَ زِندگي، مڪمل نه آهي تو بِنا،
تون ته اَزلي پياس منهنجي، ڄڻ ته آ پياسو بدن.
دِل ٿي چاهي يار توکي، اَکين ۾ اوتي ڇڏيان،
تنهنجي مُورت موهِنيءَ کي، مون ڏِسي مرڪيو ٻين.
منهنجي هرهِڪ راتِ کي ميهنديِ لڳائين پيار جي،
خواب ٿا ڇِرڪن خوشيءَ ۾، ڄڻ ته پيا نچيو نچن.
ڪيتِريون صدِيون گذاريون تو مِلي مونسان پرِين،
مهِڪ پنهنجي پيار جي، واسي فضا ٿي گلبدن.
هر جنم ۾ يار تنهنجي، پيار کي پايان سدا،
پيو لِکان توتي غزل، ۽ سون ورٺو هر سخن.
اَمر ”پياسيءَ“، جي عشق کي، آحسن تنهنجي ڪيو،
مهربانيون لک اَوهانجون، تون رَتي ۽ مان مدن.

ساري جڳ ۾ هر هڪ ماڻهو، پٿر سان ٿو پيار ڪري
مڪي مديني ڪاشيءَ جي، پٿرنِ جو پرچار ڪري
پٿر جا ڀڳوانَ ٺِپيَنِ ٿا، پٿر سَجي ٿو مندرن ۾
پٿرنِ تي ٿا ٻَليون چڙهائين، پٿرن جو سينگار ڪري
پريوُ پائڻ جي لئہ ڪيڏا، ڍونگي ڍونگ رچائن ٿا
من کي اُجلو رکن نہ ڪڏهن، ميرو هر وهنوار ڪري
بت شڪن کي سڏائي خود کي، خونَ جون هوليون کيلن ٿا
رت جو ريج ڏئي ڌرتيءَ کي، ڌرتيءَ کي بيمار ڪري
جنم جات کان ماڻهو وحشي، اَڄُ بہ لڳي ٿو دئت سمان
دُشٽن جيِ هيءَ ساريِ دنيا، خود لئہ پيو آزار ڪري
تازو هِن صديءَ جي جنگہ جو، ٻُڌو ٻُڌايان سارو سچ
ٽي ڪروڙ هٿا ماڻهو مري ويا، مٿان ٻيو ائٽم وار ڪري
چيمبر گئس ۾ ڪيڏا يهوديِ، اَسي لکن جو عدد مُئا
جيئرا جلي ويا باهِ ٻنيءَ ۾، مَذهب جي آزار ڪري
وڙهي مَرن ٿا ڪيڏا قبيلا، اَفرِيڪا جي اُپٽنڊ ۾
ڏه لک ماڻهو مري ويا اُتِ، اوگينڊا جي مار ڪري
ماڻهن پنهنجي ابهم ٻچن کي، ٻُکَ کان لقمو ڪري ڇڏيو
هاءِ هي سُڌريل سوماليائي، وحشين جيان وهنوار ڪري
اَچو نئون ڪو ڌرم ٺاهيون، اِنسانيَتَ جو ڏئي سنديش
ماڻهوءَ سان پيو ماڻهو مرڪي، هڪ ٻئي سان پيار ڪري.

مِليِ وچ محب تون مونسان، اَجان ڏِس راتِ آ باقي،
اَسانجي اِنتظاريءَ ۾، پرِين جذبات آ باقيِ.
نتيون گذرن وِڇوڙي جون، گهڙيون جي اَڃ بہ تڙفن تيون،
اَسانجي روح ۾ مِنڙيِ، اَجان نغماتِ آ باقيِ.
هو مستيءَ جو سچو عالَم، گذاريو گڏ اَسان جنهن ۾،
اها سُرهاڻ ساوڻ جي، اَجا برساتِ آ باقيِ.
هيِ چانڊوڪيون سدا چمِڪي، اَکين ۾ جوتِ اوتين تيون،
هيِ باکون عشق جون تنِ ۾، اَجا مدّمات آ باقيِ.
سُکي تو ساهہُ هِتِ تو لئِہ، اَچي ڏِسُ قرب جون آهون،
اُتن تا وِلوَلا دِل ۾، اَجان صدمات آ باقيِ.
لڳي تيِ تپَتِ کا اَزلي، عشق کي ڏِس جلائي تي،
اَسانجي جِسمِ ۾ برندڙ، اَجا آلات آ باقيِ.
نہ ٻُتندي آس ”پياسي“، جي، جلن اُڏما تا آتشِ ۾،
اَهان ۾ ڪُجھ وَفائيءَ جي، لڳي حالاتِ آ باقيِ.

هاءِ اَياڳو ماڻهو وحشي، وحشين جيان وهنوار ڪري
آڄَ وٺي ٿو ڏين ڌرم جي، ڌڙُ سِسيءِ کان ڌار ڪري
اَٿن لکن اِنسانن جو، ڪاڙهي جنگ ۾ خون ٿيو
ڏِسو ايراني عربُ اَڃان پڻ، هڪ ٻئي تي ٿو وار ڪري
اَڃان مرن پيا اَفغاني پڻ، هِڪَ ٻئي جو ماسُ چِڱنِ
نَوَ لک ماڻهو ماري ڇڏيا ٿنِ، سِسيون ڌڙ کان ڌار ڪري
قِصو ٻڌو يوگوسلاوِيا جو، لکين مري ويا ماڻهو اُتِ
ننگو ڏِٺوسين ناچُ مذهب جو، ماڻهن کي لاچار ڪري
اڃان بہ مرندا مري پيا کپندا، هي مهذب ماڻهو اڄُ جا
ائٽم چيرِيندو آدم کي، آدمَ جو سنگسار ڪري
آدم ٺاهي ائٽم بم ٿو، ماڻهن کي خود مارڻ لئہ
ٿَشر جا اَنبار لڳائي، ماڻهن کي مسمار ڪري
ڏہ لکَ ماڻهو ڪمبوديا ۾، پولپوٽ هٿا ماري ڇڏيا
هڪ ئي مُلڪ جا ماڻهو ماري، ملڪ ڇڏيئي بيمار ڪري
هاڻِ ڌماڪو اَئٽم بمَ جو، ڀارتَ پاڪ ڪيو آهي
مرندا ماڻهو هڪ ئي وطن جا، خود تي اَتياچارَ ڪري
ڪاٿي ڇڏيو سڀ ڌرم جهانَ جا، جن آ پيِتو لهو سدا
ڏسو ٿي وحشي وڌهي ٿو مذهب، آندا ٻُڪيون ڌار ڪري.